ABC CERTIFIED

وڻ ويڄن وَٽ، جي سِڪين تہ سَگهو ٿيين (شاهہ)

# ماهوار ويڄ ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

## صحت مند ٻار ۽ صحت بخش ماحول

## دوا صحت جو متبادل ڪونهي



## دوائون دوست بہ دشمن بہ

# ماهوار ويڇ جو چانڊڪا نمبر

ماهوار ويڇ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي جي خوشي ڏياريندڙ ويهين سالگره تي هڪ يادگار ۾ خصوصي سوکڙي شايع ڪرڻ جا انتظام ڪيا آهن تنهنڪري

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جا گريجوئيٽ ڊاڪٽر پنهنجا پاسپورٽ سائيز فوٽو، داخلا ۾ ڪاليج ڇڏڻ جون تاريخون ۾ مختصر تعارف اسان کي 15 مارچ کان اڳ ۾ ڏياري موڪلين

جيڪي پڙهندڙ پنهنجي سوکڙي سانڍڻ چاهين- انهن کي گذارش آهي تہ پنهنجي ڪاپي محفوظ ڪرائڻ لاءِ 15 مارچ کان اڳ ۾ ”ماهوار ويڇ“ جي نالي =/15 روپين جو پوسٽل آرڊر هيٺين ائڊريس تي ڏياري موڪلين.

گڏوگڏ چانڊڪا مان ٿيل گريجوئيٽس مبارڪن يا Complimentary پيغام ڇاپرائڻ چاهين تہ ڪواٽر پيج جيترو پيغام ”ماهوار ويڇ“ جي نالي =/300 روپين جو بينڪ يا پوسٽل ڊرافٽ هيٺين ايڊريس تي ١٥ مارچ کان اڳ ۾ ڏياري موڪلين.

**ماهوار ويڇ**
**۱۵۳اي/ا معين اسٽيل مارڪيٽ**
**جي پي او باڪس نمبر 568 ڪراچي**

---

سنڌي زبان ۾ بهترين ميڊيڪل ڊڪشنري ترتيب ڏيڻ لاءِ ميڊيڪل ڊڪشنري ڪميٽي،سنڌ جي سيني سڄاڻ عالمن، سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ گهرن، ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل جي ڪنهن بہ اسپيشلٽيءَ سان لاڳاپيل ماهر/ نوڙي ميڊيڪل جي تعليم ڏيندڙ استادن/ پروفيسرن کي گذارش ٿي ڪجي تہ هو مهرباني ڪري هن قومي ۽ سائنسي ڪم ۾ اسانجي رهنمائي ڪندي ميڊيڪل جي مختلف اصطلاحن جا سنڌي متبادل اصطلاح يا ترجما هيٺين ائڊريسن تي موڪلي ڏين

**ڊاڪٽر شرف علي شاهہ ڪنوينر**
**سنڌي ميڊيڪل ڊڪشنري ڪميٽي**
رمپا پلازا-6 ماڙ ڪمرو نمبر 11
ايم اي جناح روڊ ڪراچي- سنڌ

# ايڊيٽوريل

## "نئين سال جو هاڃيڪار تحفو"

ڪيترا ماڻهو نئين سال جي شروعات ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ڪندا آهن. ڪي مبارڪون ڏيندا وٺندا آهن ته ڪي تحفن جي ڏي وٺ ڪندا آهن يا وري سڄي رات پيا نيڪ ٽپا ڏئي وقت گذاريندا آهن. ڪيترا ماڻهو وري ان موقعي کي ڪا به اهميت نه ڏيندي معمول مطابق وقت گذاري ڇڏيندا آهن. پر هن سال جي پهرين ڏينهن تي هڪ اخباري پڌرائي وسيلي پوري قوم کي هڪ اهڙو هاڃيڪار تحفو مليو آهي جيڪو سڌي يا اڻ سڌي طرح هر فرد قبوليو آهي. اهو تحفو آهي **"دوائن جي قيمتن ۾ ڏهه سيڪڙو واڌ"**

اسان جي هن غريب ملڪ ۾ جتي عام ماڻهو لاءِ پيٽ پالڻ ۾ لڳ لڪائڻ وڏو مسئلو آهي، اتي بيمارين جي صحيح روڪٿام نه هئڻ ڪري هر روز لکين ماڻهو ڪيترن ذهني ۽ جسماني اهنجن جو شڪار پيا ٿين. جيڪا بيماري روڪٿام تي ڪجهه روپين خرچ ڪرڻ يا مفت مشورن سان رڪجي سگهي ٿي، ساڳي بيماري انساني وجود ۾ ظاهر ٿيڻ کان پوءِ وڃي ڪڏهن ڪڏهن سون ۽ هزارن روپين جي خرچ تي پهچي، يا اجتماعي طرح ڦهلجندڙ بيمارين جو ڪٿي مثال وٺجي، مليريا جي علاج تي هر سال ڪيترو ناڻو ضايع ٿئي ٿو ۽ ڪيتريون جانيون اجل جو شڪار ٿين ٿيون؛ ڇا مليريا جي ڪنٽرول يعني مڇرن کي ناس ڪرڻ تي هڪ ڀيرو ڪجهه خرچ ڪرڻ سان ڪيترين ئي قيمتي جانين ۽ ناڻي کي نٿو بچائي سگهجي؟ ايترا سوين مثال آهن.

اسان وٽ هڪ پاسي ته روڪٿام تي ڌيان ڏيڻ بجاءِ صرف ۽ صرف علاج تي ڌيان ڏنو پيو وڃي ته ٻئي پاسي وري علاج معالجي لاءِ مهانگين دوائن لکڻ جو هڪ فيشن بڻجي چڪو آهي. ان حد تائين جو ڪيتريون اهڙيون بيماريون جيڪي پاڻمرادو ٺيڪ ٿيڻ جوڳيون (Self Limiting) هونديون آهن، تن لاءِ به ڳريون ڳريون دوائون استعمال ڪرائڻ اسان وٽ ميڊيڪل پريڪٽس جو هڪ غير اصولي معمول بڻجي چڪو آهي. جيتريقدر دوائن جي قيمتن ۾ ڏهه سيڪڙو واڌ جو سوال آهي ته اهو تحفو ڪو نئون نه آهي ڇوته ماضي قريب ۾ به ڪئي ڀيرا ائين ٿي چڪو آهي. پر دوائن جي ملهه وڌائڻ جي اجازت ڏيڻ کان اڳ ۾ اسان جي اختياري وارن کي فقط هڪڙي ڳالهه سوچڻ گهرجي جيڪا سنڌي جي پراڻي چوڻي آهي ته "ڏجي نه ته ڏڪائجي به نه" هڪ پاسي قومي صحت پاليسي ۽ عوام جي صحت جا مسئلا جيڪي سرڪار سڳوري کي نبيرڻا آهن سي مڙئي تواتي تي پيا آهن ته ٻئي پاسي غريب ماڻهو جيڪي پنهنجي وس آهر پيا بيماري بڙي کي منهن ڏين تن کي ايترين ڳرين قيمتن تي دوائن جي پهچ (Supply) ڪيڏي نه هاڃيڪار آهي. هن ملڪ ۾ موٽرن، ٽيڪسين، عياشي ۽ آرام جي شين ۽ وڏن وڏن سرمايه ڪارن جي ڪارخانن لاءِ ته ڪيتريون ئي شيون ٽيڪس فري ٿي سگهن ٿيون پر ڪڏهن مجبور جي ضرورت واري شيءِ کي ٽيڪس فري ڪرڻ لاءِ ڪنهن به نه سوچيو آهي. بيماري مجبوري آهي ۽ دوا ان جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ اگر حڪومت ئي دوائن تان ٽيڪس گهٽائي ته ڪيترو نه بهتر ٿي پوي. ٻئي پاسي اسان پنهنجي پاڙيسري ملڪن هندستان ۽ ايران جو مثال ڪٿي وٺون جتي انهن ساڳين گهڻ قومي دواساز ڪمپنين جون اهي دوائون ڪيتريون نه سستيون آهن جيڪي اسان وٽ ڳاٽي ٽوڙ قيمتن تي پيون وڪامن. جڏهن اهي ڪمپنيون انهن ملڪن ۾ ساڳيون دوائون سستي ملهه تي وڪڻي سگهن ٿيون ته اسان جي ملڪ ۾ ڪين ڪهڙي مجبوري آهي؟

ان جو جواب به سولو آهي ته اهي ڪمپنيون هر دوا پنيان ان جي وڪري يا "Promotion" تي ڪيترو اجايو خرچ ڪن

ٿيون ۽ هڪ ٻئي سان مقابلي ڪرڻ ۾ تہ وري دوائن لکندڙن کي چور دروازي کان تحفن وغيره پهچائڻ جو سلسلو بہ شروع ٿي چڪو آهي. ڊاڪٽرن وٽ ويندڙ سندن پرچاري نمائندن کي باقاعده اهڙيون لسٽون ڏنيون وڃن ٿيون جن ۾ ڊاڪٽرن کي مختلف درجن ۾ ورهايو ويندو آهي ۽ اهي درجا ڪي ڊاڪٽر جي قابليت جا مريضن جي انگن اکرن مطابق ڪونہ هوندا آهن پر ان لحاظ کان ٺاهيا ويندا آهن تہ ڪير ڊاڪٽر ڪهڙي ڪمپني جون ڪيتريون دوائون لکي ٿو ۽ هر ڪمپني جي الڳ الڳ درجہ بندي هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪن ڪمپنين جي انهن ڳجهين لسٽن ۾ اهي پريڪٽس ڪندڙ بہ سئن درجن ۾ شامل هوندا آهن جن وٽ ڪابہ ڊاڪٽري جي سند نہ هوندي آهي. دوائن تي سرعام اسڪيمون بہ اينديون آهن تہ جيڪو ميڊيڪل اسٽور وارو/ ڊاڪٽر هيتري قيمت جون دوائون هيتري وقت ۾ وڪرو ڪرائيندو، ان کي هيترو انعام ملندو. اهو سڀ ڪجهہ ڇا آهي. اسان جي اختياري وارا ان جو ڪو نوٽس ڇو نٿا وٺن. ايتري خاموشي ڇو آهي ..........!

ڊاڪٽرن جون هر مهيني سائنسي سيمينارن جي بهاني پيون فائيو اسٽار هوٽلن ۾ مانيون ٿينديون ۽ اسان جا ڪي ڪي ڊاڪٽر سڳورا وري اهي ڪاڏا ڪائي پوءِ اچي پين تي زور ڏيندا. خدارا سوچو تہ! ڇا انهن ڪمپنين کان غريب عوام جون جانيون وڏيڪ ڪارائتيون نہ آهن جن کي ٻارن جي ڪاڏي لاءِ پئسا نہ هجن ۽ انهن جو دوائن تي 5 جي بدران 50 روپيہ خرچ ڪرائجي، اهو ڪٿان جو انصاف آهي!.

ملٽي نيشنل ڪمپنين کان جڏهن دوائن جي ڳرين قيمتن بابت سوال پڇيو ويندو تہ وراڻي ۾ چوندا " اسان ريسرچ تي خرچ ڪريون پيا " هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ ڪهڙي ريسرچ؟ جيڪا ٻاهر ٿئي ٿي ۽ اتان ڪاپي جي شڪل ۾ هتي اچي ٿي يا ڪا لوڪل ريسرچ ٿئي پئي.......! جيڪڏهن ڪا لوڪل ريسرچ ٿي آهي تہ هيتري ساري وقت ۾ ان جا نتيجا ڪٿي آهن. حڪومت ٻاران انهن ادارن کي مقامي ريسرچ لاءِ چونہ ٿو مجبور ڪيو وڃي؟ انهن ڪمپنين کي دوائن جي پروموشن بدران "بيمارين جي اثرائتي روڪٿام" لاءِ صحت جي تعليم ڏيڻ واسطي خرچ ڪرڻ لاءِ چونہ ٿو چيو وڃي؟

آخر ۾ ڪجهہ هيٺيون تجويزون پيش ڪيون وڃن ٿيون اميد تہ اسان جي اختياري وارا، عوام، حڪومت ۽ صحت جي ڀلي خاطر انهن تي باقائدگي سان ويچار ڪري انهن کي ضرور عملي جامو پهرائيندا.

١- دوائن تان ٽيڪس معاف ڪري مارڪيٽ ۾ گهٽ قيمتن تي وڪري ڪرڻ لاءِ ڪمپنين کي مجبور ڪيو وڃي.

٢- دوائن جي پروموشن جي بهاني لکين، ڪروڙين روپيا خرچ ڪري ۽ ساڳا پئسا غريب عوام جي کيسن مان ڪمائڻ واري سازش کي فوراً ختم ڪري صرف دوائن جي تعارف (Introduction) جي اجازت ڏني وڃي.

٣- وڏن وڏن هوٽلن ۾ پروگرام ڪرائڻ تي بندش وجهي سائنسي سيمينار ڪنهن اسپتال جي احاطي اندر سادگي سان ڪرائڻ لاءِ قانون بنايو وڃي.

۴- دوائن جي وڪري تي مختلف قسمن جي اسڪيمن ۽ انعامن کي فوري طور بند ڪرڻ گهرجي.

۵- دوائن جو تعارف هر ڊاڪٽر کي بغير ڪنهن امتياز جي ڏيڻ ۽ وڏيڪ تحفا وغيره ڏيڻ تي بندش وجهڻ گهرجي.

٦- بيمارين جي روڪٿام لاءِ عام ماڻهوءَ کي صحت جي تعليم ڏيڻ واسطي هر ڪمپني کي فنڊ مخصوص ڪرڻ ۽ مقامي ريسرچ ڪرڻ لاءِ زور ڀريو وڃي.

اميد تہ انهن تجويزن تي عمل ڪرڻ سان اسان جو غريب عوام ڪافي ڳرن مسئلن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو ۽ ملڪ ۾ صحتمند ماحول پيدا ٿيندو.

ـــــــــــ ادارو

ڏينهن تائين محدود شڪايت آهي ۽ ان جو عام سبب بنا ڪنهن خاص دوا جي خود ئي ڇڏيو وڃي تنهن ڪري مشاهدي پختي انداز ۾ ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته عام دستن جي شڪايت ۾ نمڪول ، غذا ۽ بار بار ماءُ جي کير سان موت جو ڪڪر لنگهيو هليو وڃي. پوءِ ان حقيقت جي باوجود ايتريون دستن جون دوائون ڇو ؟

پيٽ جي چال کي جهل ڏيڻ واريون دوائون آفري ڪري ڇڏين ۽ گڏ غنودگي به. پيٽ جو اڦار ته هر ڪنهن ڏٺو آهي ته ڪافي ڪان وڌيڪ مسئلا پيدا ڪري ٿو. جهڙوڪ الٽيون ۽ پيٽ جي بند ٿيڻ سبب اهڙا ڪافي ٻار گذاريو وڃن. غنودگي ٻار جي اڃ کي جهڪو ڪريو ڇڏي جنهن ڪري ٻار حساب ڪان گهٽ نمڪول ڪتب ڪندا ۽ نتيجاً خشڪي وڌي وڃي ٿي ۽ پوءِ خشڪي هاڃو ڪريو ڇڏي. ساڳئي نموني پيٽ سور جون دوائون به پيٽ روڪ ۽ غنودگي طاري ڪن ٿيون. الٽين جون دوائون نه رڳو الٽين روڪڻ ۾ ناڪام رهن ٿيون پر گڏوگڏ ننڊ به لاڳو ڪن ٿيون. دستن روڪڻ جون پيون دوائون (Kaolin Pectin mixture) به نه رڳو حقيقتاً دستن

دوا صحيح انداز ۾ مقرر مدي تائين استعمال ڪري بهتر ڪان بهتر فائدو حاصل ڪندا ۽ نقصان کي گهٽائيندا. هر ڪنهن جي صلاح تي هر قسم جي دوا ڦڪڻ ڪنهن به لحاظ ڪان سمجهداريءَ جو عمل نه آهي. ڇاڪاڻ جو سڄڻو! دوائون دوست به آهن ته دشمن به.

روڪڻ ۾ ناڪام ڏٺيون ويون آهن، پر حقيقت ۾ ننڍن ٻارن ۾ دست وڃائڻ ۾ ٻانهه ٻيلي ٿينديون آهن. عموماً دستن جي بيماري جي ٻار کي اهي سڀ دوائون واپرائيندي ڏٺو ويو آهي. جراثيم ڪش (Antibiotic) دوائون به بي شمار استعمال ڪيون وينديون آهن. سوريءَ ڪان سواءِ عموماً انهن دوائن جو استعمال هڪ پيرو وري به دستن کي گهٽائڻ ۾ ڪابه مدد ڪونه ٿا ڪن پر در حقيقت عموماً دستن کي وڌائڻ جو سبب بڻجن ٿيون. هاڻي هيترين قسمن جي دوائن جو مثال سامهون آهي سڀ سائنسي طور غير ضروري ثابت ٿي چڪيون آهن ۽ درحقيقت دشمن به ثابت ٿي چڪيون آهن پر تنهن هوندي به ڪيترائي ڊاڪٽر صاحبان، دوست دوا وارا ۽ ٻيا روزانه هزارين رپين جي خرچ سان زهر جون شيشيون ٻارڙن کي پياريندا وتن. هر ڪا دوا دشمن به نه آهي. بخار لاءِ، سور لاءِ ۽ اينٽي بايوٽڪ دوائون صحيح وقت ۽ صحيح خوراڪ ۾ مددگار به رهن ٿيون. اسان جا سڄڻ به تڪليف جي پريشاني ۽ جهٽ فائدي جي تلاش ۾ ڪجهه ته دوا جا وڌيڪ شوقين ٿي ويا آهن. مٿين بيان ڪان پوءِ اميد ته هر دوست دوا صرف تڏهن واپرائيندو جڏهن لائق ماڻهو جي صلاح تي صرف صحيح شڪايت لاءِ مطابقت رکندڙ دوا، وڌ ۾ وڌ فائدي واري ۽ يقيناً گهٽ ۾ گهٽ نقصان ۽ خرچ واري هوندي دوا صحيح انداز ۾ مقرر مدي تائين استعمال ڪري بهتر ڪان بهتر فائدو حاصل ڪندا ۽ نقصان کي گهٽائيندا. هر ڪنهن جي صلاح تي هر قسم جي دوا ڦڪڻ ڪنهن به لحاظ ڪان سمجهداريءَ جو عمل نه آهي. ڇاڪاڻ جو سڄڻو! دوائون دوست به آهن ته دشمن به.

(ڊاڪٽر اقبال ميمڻ پاڪستان پيڊيا ٽرڪس ايسوسيئيشن سنڌ جو سيڪريٽري به آهي)


ساموندي لوڻ جي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ هر وقت حاضر

منظور اينڊ برادرس

پلاٽ نمبر 4/ 205 الفلاح روڊ بهار ڪالوني ڪراچي - 53

پروپرائيٽر منظور احمد شيخ

فون آفيس: 740989
گهر: 7513008

# ڪولسٽرول ۽ دل جو دورو(Heart attck)

هريش ڪمار نانگڏيو

ٽيون سال ايم-بي-ايس چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو

[دل جو دورو (Heart attack) ۽ شريانين جي سختي (Athero Sclerosis) جو هڪ خاص سبب ڪولسٽرول جي مقدار جو وڌي وڃڻ پڻ آهي. انساني جسم پنهنجي ضروريات جي مطابق ڪولسٽرول پيدا ڪندو آهي. جيڪڏهن اسان ڪولسٽرول واريون شيون گهڻي مقدار ۾ استعمال ڪنداسين ته اهو ڪولسٽرول جيڪو هڪ ڇربيءَ جو قسم آهي دل جي شريانين جي اندرين تهه تي ڄمي ويندو آهي. اهڙي طرح شريانين جو رستو سوڙهو ٿي ويندو آهي ۽ سندن لنڪ ختم ٿي ويندي آهي جيڪا دل جي دوري (Heart attack) جو سبب بڻجندي آهي]

ڪولسٽرول جي لفظ کان اڄ جي دؤر جو هر ماڻهو واقف آهي. مختلف اشتهارن ذريعي، ريڊيو ۽ ٽيليويزن ذريعي هر ماڻهو کي ان ڳالهه کان آگاهه ڪيو ويو آهي ته ڪولسٽرول واريون شيون، جن ۾ ڪولسٽرول گهڻي مقدار ۾ آهي گهٽ استعمال ڪريو. گاڏي وغيره ۾ به ڪولسٽرول کان پاڪ تيل استعمال ڪريو. جو ته ڪولسٽرول جو نارمل مقدار کان وڌي وڃڻ ڪري دل جون بيماريون (Coronary heart disease) جنم وٺن ٿيون.

ڪولسٽرول ڇا آهي؟ ڇو ٿو وڌي وڃي؟ اسان کي ڪهڙين شين مان گهڻي مقدار ۾ حاصل ٿئي ٿو؟ انهن سڀني سوالن کي هيٺ واضح ڪجي ٿو.

ڪولسٽرول هڪ ڇربيءَ جو قسم آهي، جيڪو روز مره جي ڪاڌي کائڻ سان اسان جو جسم پنهنجي، ضرورت مطابق پيدا ڪري ٿو. اهو پراڻو زمانو هيو جو انسان کي چاليهه سالن کان اول دل جو دورو نه پوندو هيو. پر هن دؤر ۾ ته ڪهڙي به عمر ۾ دل جو دؤرو پئجي سگهي ٿو. اڳئين زماني جا ماڻهون سچا گيهه، مکڻ (جن ۾ ڪولسٽرول جهجهي انداز ۾ موجود آهي) گهڻو استعمال ڪندا هيا. تنهن جي باوجود به آهي دل جي دؤري جهڙين بيمارين کان آزاد ۽ اڻ واقف هئا. تنهن جو خاص سبب اهو هو ته اهي انسان اڄ جي انسان کان گهڻا محنتي هيا. ميلن جا ميل پيادو سفر ڪندا هئا. جسماني ڪم گهڻو ڪندا هئا. اڄ جي ڪمپيوٽر دؤر جو انسان هڪ هنڌ ويهي هزارين ميل چند ڪلاڪن ۾ طئي ٿو ڪري، هر ڪم لاءِ مشين ايجاد ٿي وئي آهي. جيڪا هزارين ماڻهن جو ڪم اڪيلي سر سرانجام ڏئي ٿي، سائنسي دؤر جيترو انسان کي سهوليتن سان نوازيو آهي، انسان ويچارو اوترو ئي عمر جي لحاظ کان، جسماني ۽ نفسياتي لحاظ کان گهڻو ڪمزور ٿي ويو آهي.

آمريڪا ۽ يورپ ۾ پنجاهه سيڪڙو موت جو سبب ڪولسٽرول جو وڌي وڃڻ آهي، جنهن جي ڪري شريانين جي سختي (Athero Sclerosis) ٿئي ٿي جيڪا اڳتي هلي دل جي دؤري (Heart attack) جو سبب بڻجي ٿي.

ڪولسٽرول جو گهڻو مقدار اسان کي ڇربي ۽ چڪنائي وارين شين جهڙوڪ، وڏو گوشت، ملائي وارو کير، مکڻ، جهينگا، مغز، انڊي جي زردي وغيره مان حاصل ٿئي ٿو. جيڪي شخص روزمره واري زندگيءَ ۾ انهن شين جو گهڻو استعمال ڪن ٿا انهن جي جسم ۾ ڪولسٽرول جو مقدار وڌي سگهي ٿو.

ڪنهن به شيءِ جي گهڻائي انسان لاءِ نقصان جو باعث بڻجندي آهي. فطرتي طور ڇنجي يا ڪٿي قدرتي طور انسان کي اهڙو ناهيو ويو آهي جوا نسان نه ته گهڻي گرمي برداشت ڪري سگهي ۽ نه وري گهڻي سردي. هر شيءِ آيا موسم هجي يا ڪاڌو انسان کي نارمل مقدار ۾ گهرجي ٿو. جيڪڏهن ڪاڌو به اسان گهرج کان وڌيڪ کائينداسون ته اهو به ڪنهن نه ڪنهن بيماريءَ کي جنم ڏئي سگهي ٿو. اهڙي طرح ڪولسٽرول واريون شيون به جيڪڏهن اسان گهڻي مقدار ۾ استعمال ڪنداسون ته اهي به دل جي دوري کان علاوه ٻين ڪيترين ئي بيمارين کي جنم ڏئي سگهن ٿيون.

ڪولسٽرول جو مقدار ڇو ٿو وڌي وڃي؟

مٿي اهو ذڪر ڪيو ويو آهي ته ڇربي ۽ چڪنائي وارين شين جي گهڻي استعمال سان ڪولسٽرول جو مقدار وڌي وڃي ٿو، ان کان علاوه ٻيا به سبب ٿي سگهن ٿا، جيڪي هيٺ بيان ڪجن ٿا.

١- ڪولسٽرول جي مقدار جو واسطو موروثيت (HEREEDITARY) سان به آهي، جيڪڏهن والد يا والده کي

ڪابہ ڪولسٽرول جي بيماري آهي تہ انهي جو اثر اولاد تي بہ ٿي سگهي ٿو.

۲- ٿائرائڊ هارمون (Thyroid Hormone) جي گهٽتائي ڪري بہ ڪولسٽرول جو مقدار وڌي وڃي ٿو جنهن کي هائپو ٿائرائڊزم (Hypothyroidism) چئبو آهي.

۳- ذيابيطس (Diabetes mellitus) يعني مٺن پيشابن جي ڪري بہ ڪولسٽرول جو مقدار وڌي وڃي ٿو.

۴- اسيٽروجن (Estrogen) هڪ قسم جي رطوبت (Hormonc) آهي جيڪا عورتن ۾ گهڻي مقدار ۾ نهندي آهي، جيڪا ڪولسٽرول جي مقدار کي گهٽائيندي آهي.

۵- اينڊروجن (Androgn) بہ هڪ قسم جي رطوبت (Hormone) آهي جيڪا مردن ۾ گهڻي مقدار ۾ نهندي آهي، جيڪا اسيٽروجن جي بلڪل ابتڙ آهي يعني ڪولسٽرول، جي مقدار کي وڌائيندي آهي.

مٿين ٻنهي رطوبتن (Hormones) مان صاف ظاهر آهي تہ بنسبت عورتن جي مردن ۾ ننڍي عمر ۾ ئي ڪولسٽرول جي مقدار وڌي وڃڻ ڪري دل جي دوري (Heart attack) جا واقعا گهڻا ٿين ٿا.

## دل جو دورو (Heart attack)

دل اهو واحد عضوو آهي جيڪو ماءُ جي پيٽ ۾ ئي ڪم ڪرڻ شروع ڪندو آهي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين لڳاتار بنا ڪنهن وقفي جي ڪم ڪندو رهندو آهي. نارمل ماڻهو جي دل هڪ منٽ ۾ اٽڪل ٻاهتر دفعا سسندي ۽ ڦهلجندي يعني ڌڙڪندي آهي. دل جي انهي سسڻ ۽ ڦهلجڻ ڪري رت پوري جسم ۾ گردش ڪندو رهندو آهي، جنهن جي ڪري رت پوري جسم جي هر هڪ عضوي کي پهچندو رهندو آهي. انساني جسم جو هي عضوو هڪ ڏينهن ۾ اٽڪل 160 مٽن ڪان وٺي 225 مٽن تائين رت کي گردش ڏيندو آهي.

دل جي دوري جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا.

۱- رت ۾ ڪولسٽرول جي مقدار جو وڌي وڃڻ (Hypercholesterolemia)

۲- مٺا پيشاب (Diabetes Mellitus)

۳- سگريٽ جو گهڻو استعمال ڪرڻ (Smoking)

۴- بلڊ پريشر جو وڌي وڃڻ (Hypertension OR High blood Pressure)

۵- وزن جو وڌي وڃڻ (Over weight)

انساني جسم پنهنجي ضرورت مطابق ڪولسٽرول پيدا ڪندو آهي، جيڪڏهن اسان جو کاڌو، اسان جي خوراڪ ڪولسٽرول وارين شين سان ڀريو هوندو تہ اهو کاڌي ۾ شامل ڪولسٽرول رت ۾ شامل ٿي ويندو آهي. ڪولسٽرول جيڪو هڪ چربيءَ جو قسم آهي شريانين جي اندرين پاسي گڏ ٿيندو هڪ تهہ جي شڪل اختيار ڪندو آهي. اهڙي طرح نہ رڳو ڪولسٽرول، جي تهہ جمي وڃڻ سان شريانين جو رستو سوڙهو ٿي پوندو آهي، پر ان سان گڏو گڏ شريانين جي لچڪ بہ ختم ٿي ويندي آهي.

جيڪڏهن ڪولسٽرول جو تهہ دل جي شريانين (Coronary arteries) ۾ نهي ٿو تہ اهو دل جي دوري (Heartattack) جو سبب بڻجي ٿو.

ڪولسٽرول جي وڌيڪ مقدار کي گهٽائڻ جا ٻہ بهترين طريقا هي آهن:-

۱- خوراڪ ۾ ڪولسٽرول، جي شين جو گهٽ استعمال ڪرڻ:-

روز مره جي خوراڪ ۾ اهي شيون هئڻ گهرجن جن ۾ ڪولسٽرول جو گهڻو مقدار شامل نہ هجي. مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ جن شين ۾ ڪولسٽرول جهجهي انداز ۾ ٿئي ٿو انهن کي روز مره جو معمول نہ بڻائڻ گهرجي. يعني روز مره جو معمول گوشت بجاءِ سبزيون هئڻ گهرجن. کير بہ جي استعمال ڪجي تہ پهريائين ان مان ملائي ڪڍي ڇڏجي جو تہ ملائيءَ ۾ ڪولسٽرول جو گهڻو مقدار ٿئي ٿو.

۲- ورزش ذريعي ڪولسٽرول جو مقدار گهٽائڻ:-

روز مره جي زندگي ۾ ورزش کي شامل ڪرڻ سان ڪيترين ئي بيمارين کي ختم ڪري سگهجي ٿو. صبح جي ٽائيم تي کليل ميدان ۾ يا خاص ڪري باغات ۾ ورزش ڪرڻ سان اسان پنهنجي دل، دماغ ۽ جسم کي ايتري تہ آڪسيجن مهيا ڪري سگهون ٿا جيڪا ٻئي ڪنهن ورزش سان حاصل نہ ٿي ٿئي.

**ورزش ڪرڻ سان رت ۾ وڌيل چربي (Cholesterol) آهستي آهستي ختم ٿيندي ٿي وڃي.**

ورزش ڪرڻ سان جسم جو هر هڪ عضوو چرپر ۾ اچي ٿو، جنهن ڪري جسم جي هر عضوي کي مڪمل طرح رت ۽ آڪسيجن گهربل انداز ۾ ملندي رهي ٿي. ورزش ڪرڻ سان رت ۾ وڌيل چربي (Cholesterol) آهستي آهستي ختم ٿيندي ٿي وڃي. ورزش ڪرڻ سان جسماني ٿڪاوٽ ختم ٿي وڃي ٿي جنهن ڪري ماڻهو هر وقت پاڻ کي تندرست ۽ توانو محسوس ڪري ٿو.

■ ■ ■

# آسٽيوپوروسس OSTEOPOROSIS

## هڏن جو پورو ٿيڻ يا هڏن جو ڀُرڻ يا هڏن جو ڳرڻ

انور جمالي شاگرد ٽيون سال
ايم . بي . بي . ايس ڪمرو
نمبر -43 المهراڻ هاسٽل
ايل-ايم-سي ڄامشورو

### Introduction تعارف

هي لفظ يوناني ٻولي جو آهي آسٽيو (Osteo) = هڏو+ پوروسس (Porosis) جي معني آهي (Passage) وهڪ. هن بيماري ۾ هڏي جي پيچ ڍاهه جو عمل تيز هوندو آهي ۽ هڏي جي ٺهڻ جي رفتار گهٽ هوندي آهي (بنسبت هڏي جي ڍهڻ جي) ٿورن لفظن ۾ ڪٿي ائين چئجي ته هي اها هڏي جي بيماري آهي جنهن ۾ هڏو وغيره معمولي طور تي سنهو ٿي ويندو آهي. هي هڪ عام مرض آهي جيڪو وڏي عمر وارن ۾ عام جام ٿيندو آهي. بنيادي طور هي بيماري هڏي جي پيچ ڍاهه (Metabolism) جو نقص آهي جنهن ۾ هڏي جي جسامت ۾ آهستي آهستي ڪوٽ ايندي آهي ۽ هڏو سنهو ۽ پورو ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي. عام طور تي هڏي جي جسامت ۾ جيڪا ڪمي ايندي آهي سا وڏي عمر جي ڪري ايندي آهي پر اها جسامتي ڪوٽ ڪنهن مرض جي ڪري به اچي سگهي ٿي سو پيري ۽ مرض جي ڪري هڏي جو ڪمزور ٿيڻ جو فرق ڏاڍو ڏکي طرح معلوم ٿيندو آهي آسٽيو پوروسس ۾ هڏي جي جسامت گهٽجڻ سان گڏوگڏ سور به ٿيندو آهي ۽ هڏو معمولي ڌڪ لڳڻ جي ڪري ڀڃي پوندو آهي ۽ ماڻهو هلڻ جي قابل نه رهندو آهي.

آسٽيوپوروسس جا ٻه درجا هوندا آهن.

١- پرائمري آسٽيو پوروسس
Primary Osteoporosis

٢- سيڪنڊري آسٽيو پوروسس
Secondary Osteoporosis

يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا (U.S.A) ۾ هر سال تقريباً 15 ملين انسان هن بيماري کان متاثر ٿين ٿا. جيئن ته انسان کي خبر آهي ته انسان جي هڏي جي جسامت ٺهڻ ۾ ڪيلشم ۽ فاسفورس جو وڏو ڪردار آهي ۽ هڪ صحت مند انسان ۾ جيترو ڪيلشيم ۽ فاسفورس هڏي مان نڪري رت ۾ ايندو ايترو ئي وري رت مان نڪري هڏي ۾ ايندو آهي جيئن ته هڏو هڪ جاندار ٽانڊورو آهي جنهن ۾ عام طور تي پيچ ڍاهه ٿيندي رهي ٿي اهي سيل جيڪي هڏي کي ٺاهين ٿا انهن کي Osteoblast سڏبو آهي ۽ اهي سيل يا جيو گهرڙا جيڪي هڏي کي ڍاهين انهن کي Osteoclast چئبو آهي.

### سبب (Causes)

جينيٽڪ هن مرض جي اصل سبب جي خبر چڱي طرح ظاهر نه آهي پر ان هوندي به هي مرض هيٺين ڳالهين جي ڪري ٿي سگهي ٿو هي مرض ننڍن ٻارن ۽ جوانن ۾ پڻ ٿي سگهي ٿو.

1- وراثتي نقص (Genetic Defect) جي ڪري هي مرض والدين ۽ عزيزن کان ورثي ۾ ملي سگهي ٿو.

2- نر ۽ مادي جي جنسي رطوبتن (Male and female Sex Harmones) جي گهٽتائي جي ڪري هي مرض ٿي سگهي ٿو پر هي مرض مردن جي ڀيٽ ۾ عورتن ۾ زياده هوندو آهي.

3- جيڪڏهن انسان جسماني ورزش نه ڪندو سڄو وقت هڪ ئي جاءِ تي پيل هوندو ۽ انسان جو مشڪون (Muscles) به جيڪڏهن ڪم نه ڪنديون تڏهن به هي مرض سنجري سگهي ٿو.

4- ڪئلسيٽونن Calcitonin رطوبت ۽ عورت جي جنسي رطوبت Estrogen Harmone جي گڏيل کوٽ جي ڪري به هي مرض ٿي سگهي ٿو.

5- جڏهن انسان جي عمر تقريبا 75 سالن کان وڌي وڃي تڏهن ان مرض جي سنجرڻ جو انديشو تمام گهڻو هوندو آهي.

6- ان ڪانسواءِ انسان جي جسم ۾ ٻيون ڪيتريون ئي ڪيميائي شيون آهن جن جي گهٽجڻ ۽ وڌڻ جي ڪري به هي مرض سنجري سگهي ٿو ۽ هي مرض هاضمي جي سرشتي جي بيمارين (GIT disordrs) غدودن جي بيمارين (Endocrine disorders) هڏي جي مک (Bone marrow) جي بيمارين، ڳنڍيندڙ ٽانڊورن (Connective Tissue) جي بيمارين ۽ ٻين ڳالهين جي ڪري به ٿيندو آهي.

### Palace of Occurance هنڌ

هي مرض جسم جي هڏن ۾ ڪنهن به

هنن تي سگهي ٿو پر اڪثر ڪري ڪرنگهي وارن هڏن (Vertebral Bones)، ران واري هڏي جي ڳچي (Femoral neck) ۽ هٿن جي هڏن جهڙوڪ ميٽاڪارپل هڏن (Metacarpal Bones) ۾ عام جام ٿيندو آهي هن مرض ۾ هڏا عام جام ٽٽندا آهن.

## علامتون ۽ سجاڻپ
## Clinical featlures & Diagnosis

هن مرض جي سجاڻپ ٽن سببن جي ڪري تمام ڏکي آهي.

1- اهو مرض بنا ڪنهن نشاني جي وڌندو رهي ٿو، جيسين تائين هڏن کي تمام گهڻو ڪمزور نہ ڪري.

2- اسان جي وطن ۾ ايا تائين اهڙو ڪو آسان طريقو موجود نہ آهي جنهن جي ذريعي هن مرض جي حد (Severity) جي خبر پوي (نوٽ:- جيتوڻيڪ هن مرض جي سجاڻپ لاءِ طريقا ترقي يافتہ ملڪن ۾ موجود آهن پر اهي ڏکيا مهانگا ۽ تڪليف ڏيندڙ آهن)

3- هن مرض کي هڏن جي ٻين مرض سان ڀيٽ ڪري سڃاڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

4- هن مرض کي ايڪسري (X-ray) جي ذريعي ڪنهن حد تائين سڃاڻي سگهجي ٿو.

عورتن ۾ حيض بند ٿيڻ کانپوءِ (Post Menopause) ۾ هڏن جي ڪمزوري جي ايستائين خبر نہ پوندي آهي جيستائين .

1- هڪ تہ پٺن ۾ سور پوي.

2- قد بت جو مارجي وڃڻ (جسم جو ۽ هڏن جو سنهو ٿيڻ)

3- تمام گهڻا هڏا ڀڃڻ (بلڪل ايئن جيئن اڏوهي ڪاٺ کائي ڀڃندي آهي)

## علاج Treatment

هن مرض جو علاج ان جي سبب ۽ بيماري جي حد کي مدنظر رکي ڪبو آهي. جيئن تہ هن بيماري ۾ هڏو پنهنجي جسامت وڃائيندو آهي ان ڪري ان کي روڪجي تہ جيئن وڌيڪ نقصان نہ ٿئي. اسان وٽ خاص طور تي جيئن تہ هي مرض عورتن ۾ جام هوندو آهي ۽ خاص طور تي هيض بند ٿيڻ واري عمر کان پوءِ ٿيندو آهي جن ۾ عورت جي جنسي رطوبت (Estrogen Harmone) جي کوٽ ٿيندي آهي ان ڪري 0.625 کان 1.25 ملي گرام ايسٽرون سلفيٽ Estrone Sulphate روزانہ استعمال ڪجي ۽ ان سان گڏو گڏ پروگيسٽن Progestin پڻ استعمال ڪجي تہ جيئن ٻچي داني ۾ اينڊو ميٽريم Endometrium جي ڪينسر کان بچي سگهجي.

ان ڪانسواءِ جي هي مرض ڪيلشم جي کوٽ جي ڪري پيدا ٿئي تہ ڪاڏي سان هڪ کان ڏيڍ (1 کان 1.5) گرام ڪيلشم جو استعمال ڪجي جيڪو هڏي ۾ ڪيلشم جي ٿيندڙ کوٽ کي روڪي سگهڻ لاءِ ڪافي آهي. ۽ ڪيلشم سان گڏو گڏ وٽامن ڊي ۾ استعمال ڪجي پر ان کي احتياط سان استعمال ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن جسم ۾ ڪيلشم حد کان وڌي ويو تہ اهو ٻيون بيماريون پيدا ڪري سگهي ٿو.

- ڪيلسيٽونن جي استعمال سان هڏي جو ڀُرڻ رڪجي سگهي ٿو.
- سوڊيم فلورائيڊ جي ڪيلشم سان گڏائي ڏبو تہ هڏو ٺاهيندڙ جيو گهرڙا (Osteoblast Cells) پنهنجي رفتار تيز ڪندا
- هر قسم جي علاج جي نتيجي لاءِ اهو ضروري آهي تہ اسان مريض جو قد ۽ جسامت (هڏن جي) خبرداري سان جاچيندا رهون. ■





**نوٽ:** جيڪڏهن ڪو شخص بدقسمتي سان هن مرض جو شڪار آهي تہ اهو ڊاڪٽر جي ڏنل علاج تي عمل ڪري، ڇاڪاڻ تہ علاج سبب معلوم ڪرڻ کانپوءِ ڪبو آهي ۽ سبب جي خبر صرف سنئي ڊاڪٽر کي ئي معلوم هوندي. ڪمپائونڊرن ۽ اڻ پڙهہ نالي ماتر ڊاڪٽري جي دعويٰ ڪندڙن کان پرهيز ڪجي نہ تہ ٻيا مسئلا پيدا ٿيندا.

ڪڏهن ٻين خطرناڪ بيمارين ۾ بہ وچڙجي ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻار جي جسم ۾ بيمارين جي جراثيمن سان مقابلي ڪرڻ جي قوت يا قوتِ مدافعت گهٽ هوندي آهي. انڪري ٻار ڪي ٽي بي، دستن الٽين جي بيماري، وزن ۾ گهٽتائي، ڪن جو وهڻ، ڳلي ۾ سوڄ ۽ نمونيا، دماغ تي سوڄ ۽ ٻين بيمارين جي ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو.

**علاج**

جيئن تہ هي بيماري وائرس جيوڙي ڪري ٿئي ٿي. انڪري هن بيماريءَ جو ڪوبہ خاص علاج ڪونہ آهي؛ باقي بيماريءَ جي جوش کي گهٽائڻ لاءِ کنگهہ ۽ بخار گهٽ ڪرڻ واريون دوائون ڊاڪٽر جي مشوري سان استعمال ڪرڻ گهرجن،

دنيا ڇهن موذي مرضن کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي جن ۾ سلهہ- خناق، پوليو، وڏي کنگهہ- تشنج ۽ ارڙي شامل آهي. هنن خطرناڪ بيمارين کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪاري اسپتالن ۽ ٽڪن جي مرڪزن ۾ ٽڪا هنيا وڃن ٿا. تنهنڪري اسان سڀني تي اِهو فرض عائد ٿئي ٿو تہ مستقبل جي روشن ستارن کي انهن موذي مرضن کان بچايون. اڪثر ڪري اسان جي ڪافي پائرن ۽ ڀينرن کي اها ڄاڻ بہ نہ هوندي آهي تہ ارڙيءَ جي بچاءَ جو ٽڪو ڪڏهن لڳائڻ گهرجي ۽ گهٽا دفعا هڻايو وڃي؟ انهن پائرن ۽ ڀينرن کي ڄاڻ ڏين لاءِ گذارش ڪندس تہ ارڙي جو ٽڪو ٻار کي نون مهينن جي عمر ۾ هنيو ويندو آهي ڇو تہ ڄمڻ کان ٻار جي نون مهينن جي عمر تائين قدرتي طور تي هن بيماري جي خلاف بچاءَ جي قوت ماءُ طرفان مليل هوندي آهي. جيڪا ٻار جي نون مهينن جي عمر ۾ پهچڻ تي ختم ٿي ويندي آهي. انڪري ضروري آهي تہ ٩ مهينن جي عمر جي فورن بعد ارڙيءَ جو ٽڪو قريبي ٽڪن جي مرڪز مان لڳرايو وڃي ۽ هڪ ئي ٽڪو هن بيماري جي بچاءَ لاءِ سڄي عمر لاءِ ڪافي آهي. اسان جي ڪلينڪ تي ڪافي اهڙا مريض ايندا آهن جيڪي اِهي سوال ڪندا آهن تہ اسان ٻارن کي ارڙيءَ جي بچاءَ جو ٽڪو بہ هڻايو آهي ۽ پوءِ بہ ارڙي نڪتي باقي ٽڪن هڻائڻ مان فائدو ڇا؟

انهيءَ سوال جي جواب ۾ عرض ڪندس تہ ارڙي نڪرڻ جو پهريون سبب اهو ٿي سگهي ٿو تہ جنهن علائقي ۾ ٻار رهي ٿو اتي ارڙيءَ جي وبا ٽڪن لڳڻ کان اڳ ۾ ئي پکڙيل هجي ۽ ٻار کي ٽڪن لڳڻ کان اڳ ۾ ئي جسم ۾ ارڙيءَ جا جراثيم داخل ٿي چڪا هجن ۽ بيماري اڃان ظاهر نہ ٿي هجي، ان حالت ۾ ٻارن کي احتياطي ٽڪا لڳن تڏهن بہ ارڙي نڪري ايندي.

ٻيو سبب هيءَ بہ آهي جيڪو والدين کي ڄاڻڻ گهرجي تہ ارڙي هڪ وچڙندڙ مرض آهي. جيڪڏهن ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ ڪنهن ٻئي علائقي ۾ ويجي ٿو، جتي هي مرض اڳ ۾ ئي پکڙيل آهي اها بيماري مختلف طريقن سان جسم ۾ داخل ٿي وڃي ٿي جنهن ڪانپوءِ ارڙي ٽڪي لڳڻ بعد ۾ ظاهر ٿئي ٿي. جنهن کي ارڙي جي بچاءَ وارو ٽڪو بہ نٿو روڪي سگهي، جنهن ڪان سندن والدين پريشان ٿيو وڃن، پر ان ۾ ٽڪي جو تہ ڪوبہ قصور نہ آهي پر ان جو سبب بيماريءَ جو اڳ ۾ ئي جسم ۾ موجود هجڻ آهي.

ٽيون سبب اِهو بہ آهي تہ ٻار کي جنهن ويڪسين سان ٽڪو لڳايو ويو هجي شايد اهو نيڪ نہ هجي يا ان جو معياد گذري ويو هجي يا گرمي جي مناسب درجي تي ان کي نہ رکيو ويو هجي، جنهنڪري ان جو اثر ختم ٿي وڃي ٿو ۽ ٻار کي اها ويڪسين ارڙي جي بيماريءَ کان محفوظ نٿي ڪري سگهي،

**احتياط**

**مان انهن نيم حڪيمن ۽ غير سند يافتہ ڊاڪٽرن کي بہ گذارش ڪندم تہ هو معصوم ٻارن ۽ ابوجهہ ماڻهن جي زندگيءَ سان نہ کيڏن آخر اوهان ڪن معصومن جا والدين هوندا. جيڪڏهن ڪير اوهان جي ٻارن جي زندگي سان کيڏي يا ٺڳي ڪري تہ اوهان جي دل تي ڇا گذرندو اهو فيصلو اوهان پاڻ ڪيو!**

# هسٽيريا

## سبب ۽ نشانيون

حبيب الرحمٰن گاد

هسٽيريا هڪ اهڙو مرض آهي جنهن ۾ ڪو شخص ڪِنتي، غم ۽ فڪر تي قابو پائڻ لاءِ ذهني ۽ جسماني علامتون اختيار ڪندو آهي، هسٽيريا خواهشن کي لاشعوري طور تي لڪائڻ سبب ٿيندي آهي. جنهن کي (ڊپريشن) چوندا آهن. ڊپريشن هڪ اهڙو دفاعي عمل آهي جنهن جي وسيلي ڪوئي ماڻهو پنهنجي خطرناڪ تڪليف وارن خيالن ۽ خواهشن کي لاشعوري طور تي لڪائي ڇڏيندو آهي، يا پنهنجي ذهن يا شعور ۾ اچڻ کان روڪي ڇڏيندو آهي. هيءَ هڪ وڏو دفاعي عمل آهي، جنهن کي ڪو ماڻهو پنهنجي خطرناڪ تڪليف وارن تجربن ۽ اڻ پوري ٿيل آرزوئن جي اثر کان بچڻ لاءِ استعمال ڪندو آهي.

هسٽيريا جا سبب نفسياتي هوندا آهن، پهرئين مرحلي ۾ ڪو شخص علامتون ظاهر ڪندو آهي، ۽ ٻئي مرحلي ۾ ماڻهن جي همدردي، مدد ۽ توجه جو طلبگار هوندو آهي. عام حالت ۾ تمام خيالن ۽ خواهشن کي لاشعور ۾ روڪي سگهجي ٿو. پر هسٽيريا ۾ شعور اندر داخل ٿي وڃن ٿا.

پراڻي زماني ۾ هسٽيريا کي عورتن جي بيماري سمجهيو ويندو هو، ۽ تصور ڪيو ويندو هو ته هيءَ بيماري رحم جي خرابيءَ جي ڪري ٿئي ٿي ۽ ان کي صرف عورتن سان مخصوص ڪيو ويندو هو. پر هاڻي اهو خيال بدلجي چڪو آهي. ان خرابيءَ جو سبب دماغ آهي، ۽ هي ڪنهن کي به ٿي سگهي ٿي. اڄ ڪلهه هسٽيريا هڪ "اعصابي رد عمل آهي" هي هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ۾ ڪو شخص پنهنجي سوچ کي طبعي علامتن ۾ تبديل ڪندو آهي. جڏهن اهي علامتون نروس سسٽم (Nervous System) يا (Sensory) ۽ (Motor) ذريعي سان ظاهر ٿين ته انهن کي (Hysterical conversion neurosis) چيو ويندو آهي.

**جسماني عضون جون علامتون:**

الٽيون ٿيڻ، مٽي جو سور ٿيڻ، قبضي ٿيڻ، ساهه کڻڻ ۾ تڪليف وغيره.

**هسٽيريا ۽ مرگهي ۾ فرق**

**هسٽيريا**

١- هسٽيريا جو دورو ان وقت نه پوندو آهي، جڏهن ڪو شخص اڪيلو هجي. ان لاءِ ته ان جو مريض همدردي ۽ مدد جو خواهشمند هوندو آهي.

> اڄ ڪلهه هسٽيريا هڪ "اعصابي رد عمل آهي" هي هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ۾ ڪو شخص پنهنجي سوچ کي طبعي علامتن ۾ تبديل ڪندو آهي.

٢- دوري جي وقت مريض جا هٿ خاص طريقي سان مڙي ويندا آهن.

٣- جڏهن مريض زمين تي ڪرندا آهن ته سهاري جي تلاش ۾ هوندا آهن. چاڪاڻ ته اهي پنهنجي دوري جي ڪيفيت کان آگاهه هوندا آهن.

٤- انهن جي دوري جو وقفو خاصو وڏو ٿيندو آهي.

٥- دوري کان بعد مريض گم، سم رهندو آهي.

٦- هسٽيريا جي دوري جي وجه نفسياتي هوندي آهي.

**مرگهي**

١- مرگهي ۾ دورو خاص جڳهن مثلاً: باهه جي ويجهو، روڊ تي، بس ۾ ڪٿي به ٿي سگهي ٿو.

٢- دوري جي دوران زبان ڏندن جي وچ ۾ اچڻ.

٣- اهي زمين تي سڌو ڪرندا آهن چاڪاڻ ته هي پنهنجي دوري جي ڪيفيت کان آگاهه نه هوندا آهن.

٤- دوري جو وقت ڪافي گهٽ ٿيندو آهي.

٥- دوري جي وقت منهن مان جهگ يا گگ وهڻ شروع ٿيندي آهي.

٦- دورو ننڊ دران به پئجي سگهندو آهي هي دماغي خلين کي تمام گهڻو حرڪت ۾ آڻيندا آهن.

**(هسٽيريا جا مختلف منتشر خيال)**

هسٽيريا جي هن قسم ۾ سوچ مختلف حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿي.

٢- ياداشت هلي وڃڻ ٢- پنهنجو پاڻ لڪڻ ۽ ڳالهائڻ ٣- مختلف شخصيتون ٿيڻ

۴- ننڊ ۾ هلڻ، ڦرڻ شامل آهن.

**۱- ياداشت هلي وڃڻ :-** هن سبب ڪري ڪوبہ ماڻهو پنهنجي ذاتي شناخت وساري ويهندو آهي ۽ روڄڻ، رستن تي آواره گردي ڪندو رهندو آهي. انکي اها خبر نہ هوندي آهي تہ ڪير آهي، ڪاٿي رهندو آهي، شادي شده آهي يا ڪنوارو آهي. اها حالت ڪجهہ ڪلاڪ، ڪجهہ ڏينهن، هفتن ۽ مهينن تائين بہ ٿي سگهي ٿي. ياداشت هلي وڃڻ جو هڪ سبب دماغي ڌڪ بہ آهي جو ڪنهن سفر ۾ حادثي جي وجہ سان پيش آيو هجي. پر زياده تر وجوهات نفسياتي هونديون آهن. مثلاً: گهريلو جهڳڙا، معاشي مسئلا، جنسي ۽ معاشرتي پريشانيون.

**۲- پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ ۽ لکڻ:**

هن بيماري جي مريضن جي حيراني جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪي ماڻهو ويهندي، ويهندي لکندا آهن پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ شروع ٿي ويندا آهن. ڪجهہ معاملن ۾ ماڻهو جو هٿ غيرارادي طور تي هلندو آهي يا مصوري ڪرڻ لڳندو آهي. ۽ گهڻا اهو محسوس ڪندا آهن تہ هو ڳالهائي رهيا

هن بيماري جي مريضن جي حيراني جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪي ماڻهو ويهندي، ويهندي لکندا آهن پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ شروع ٿي ويندا آهن. ڪجهہ معاملن ۾ ماڻهو جو هٿ غيرارادي طور تي هلندو آهي يا مصوري ڪرڻ لڳندو آهي. ۽ گهڻا اهو محسوس ڪندا آهن تہ هو ڳالهائي رهيا آهن.

آهن. توهان ڪيترن ئي ماڻهن کي ننڊ ۾ ڳالهائيندي ڏٺو هوندو، پر هي سجاڳي جي حالت ۾ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندا آهن.

**۳- مختلف شخصيتون ٿيڻ:-**

هيءَ خاصيت انهن ۾ ڏٺي ويئي آهي جيڪي ننڊ ۾ ڳالهائيندا ۽ هلندا آهن. انهن ماڻهن جون بہ شخيصتون ٿينديون آهن، ٻئي هڪ ٻئي کان آزاد هونديون آهن.

**۴- ننڊ ۾ هلڻ:-** توهان اڪثر اهو ٻڌو هوندو يا ڏٺو هوندو تہ ٻار ۽ وڏا ماڻهو ننڊ ۾ هلندا آهن، ۽ اوهان انهن جي وجہ معلوم ڪرڻ چاهيندا هوندا تہ هي ماڻهو ننڊ ۾ ڇو گهمندا آهن.

**علامتون:-** مريض نارمل حالت۾ ننڊ ڪرڻ لاءِ سمهندو آهي ۽ ننڊ پئجي ويندو آهي. پر رات جي ڪنهن وقت گهڻو ڪري اڌ رات کان پوءِ ننڊ جي حالت ۾ اٿندو آهي، جوتا پائيندو آهي، ڪمري جو در کوليندو آهي يا گهر کان ٻاهر نڪري ويندو آهي. ننڊ ۾ هلڻ جي دوران ان جون اکيون پوري طرح کليل هونديون آهن. اگر مريض کي ڪجهہ چيو وڃي تہ اهو ٻڌندو آهي، پر جيڪڏهن ان کي چئجي تہ هنڌ تي سمهي پئو تہ اهو سمهي پوندو آهي. مريض کي لوڏڻ سان يا هٿ لائڻ سان سجاڳي اچي ويندي آهي ۽ حيران ٿي ويندو آهي تہ هو غير متوقع جڳهہ تي ڪيئن پهچي ويو. مريض جو ننڊ ۾ هلڻ جو وقت تقريباً ۱۵ منٽ کان وٺي اڌ ڪلاڪ تائين ٿي سگهي ٿو. ننڊ ۾ هلڻ جي بيماري دراصل خيالن، خواهشن کي لڪائڻ جي وجہ سان ٿيندي آهي، ان کان علاوه گهڻو ذهن تي بوجهہ فڪر، پريشاني، خوف، شرمندگي وغيره ان جا سبب آهن.

لاڙڪاڻي ۾
(ائيرڪنڊيشنڊ)
ڊان ٽيلرز
سال 1993ع جي نت نين ڊزائينن سان ڀرپور
جينٽس اسپيشلسٽ
رائل ڪمپليڪس
رائل روڊ لاڙڪاڻو فون نمبر: 22200

# مدي جو بخار Typhoid Fever

**ڊاڪٽر فاروق الرحمان سومرو**
لاڙڪاڻو ليپروسي ڪنٽرول سينٽر ويجهو اتا ترڪ ٽاور لاڙڪاڻو

هن کي مدي جو بخار انهيءَ ڪري چون ٿا جو هن جي چڙهڻ جو وقت (مدو) مقرر ٿئي ٿو. جيڪو ٢١ ڏينهن کان ٤٢ ڏينهن به ٿي سگهي ٿو. پر عام حالت ۾ صرف ٢١ ڏينهن ٿي ٿيندو آهي.

**علامات:-** جيئن ته هي بخار جراثيم جي ڪري ٿئي ٿو تنهن ڪري جڏهن هي خون ۾ سرايت ڪري ٿو ته شروعات ۾ سستي، پيٽ ۾ سور، مٿي ۾ سور ۽ بک جو گهٽ لڳڻ به ٿيندو آهي، نيٺ بدن ۾ سور وڌي ٿو ۽ بيون علامتون پڻ شدت اختيار ڪن ٿيون. هن بخار جا ٽي درجا ٿين ٿا. هر درجو تقريباً هڪ هفتو هلي ٿو.

**پهريون هفتو:-** بخار وڌندو رهي ٿو، البت صبح جي وقت ڪجهه گهٽتائي اچي ٿي، پر شام جو اڪثر 104 درجا بخار ٿئي ٿو، پيٽ ۾ سور، وات ۾ بدبو، زبان سفيد ۽ زبان جي چوٽي سرخ ٿئي ٿي. اڪثر پهرين هفتي ۾ قبض رهي ٿي، بدن تي هلڪا ڳاڙها نشان (Rose Spots) ٿين ٿا، رات جو گهٽي بخار سبب ۽ وقل به ٿئي ٿي.

**ٻيو هفتو:-** شروعات ۾ بخار رات ۾ وڌيڪ تي 105 ڊگريس تائين پهچي ٿو، پر صبح جو ڪافي گهٽجي وڃي ٿو، پيٽ ۾ شديد سور ۽ پيٽ ڦوڪيل ڏسبو آهي ۽ هلڪي پيلي رنگ جا بدبوءِ دار دست ٿين ٿا. جنهن ڪانپوءِ وري آنڊي جي چلچڻ ڪري خون به ملي اچي ٿو. جيڪڏهن علامتون شديد هجن ته انجام هفتي جي آخر ۾ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو يا چوڏهين ڏينهن سيني علامتن ۾ گهٽتائي شروع ٿئي ٿي. ڳچيءَ ۽ سيني تي سفيد موتين جهڙا سنهڙا داڻا ڏسبا.

**ٽيون هفتو:-** جيتوڻيڪ هن هفتي علامتون سيئي گهٽجي وڃن ٿيون، يعني بخار تمام گهٽ ٿئي ٿو، بدن ۾ سور وغيره به گهٽجيو وڃي، پر مريض سخت ڪمزوري محسوس ڪري ٿو، هن وقت غذا جي خاص پرهيز رکجي نه ته آنڊي جي وڌيڪ چلجي ڦاٽڻ جو انديشو ٿي سگهي ٿو. هن هفتي جي آخر ۾ بخار لهي وڃي ٿو، سفيد داڻا به هيٺ پيٽ تائين لهي اچن ٿا. ڪمزوري شديد ٿئي ٿي. بخار جي آخري هفتي ۾ پيشاب ۾ البيومن (Albumin) خارج ٿئي ٿي. آخر ۾ جيتوڻيڪ بخار ختم ٿيو وڃي، پر دستن جي ڪري ۽ غذا جي نه کائڻ ڪري مريض ڪافي ڪمزور ٿيو پوي. ڪمزوري بخار کان پوءِ ٻه ٻه ٽي هفتا باقي رهي ٿي.

**ڪارڻ:-** هن مرض جو اصل سبب ته هڪ قسم جو جراثيم سالمو نيلا ٽائي فوسا (Salmonile Typhosa) ٿئي ٿو، جيڪو خوردبين ذريعي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هي جراثيم خون ۾ داخل ٿي پنهنجو زهريلو تاثير جسم ۾ پيدا ڪري ٿو. هن جو گهڻو اثر آنڊن تي ٿئي ٿو. پر جگر، تري، پتو به هن جي اثر کان آجا نٿا رهن ۽ اهي جراثيم جڏهن پيشاب ۽ ڪاڪوس ۾ خارج ٿين ٿا ته وڌيڪ ماڻهن ۾ پکڙجي وڃن ٿا. غذا جي بي احتياطي خاص ڪري سرءُ موسم هن لاءِ ڪافي مددگار ثابت ٿئي ٿي. ڪڏهن وبائي صورت اختيار ڪري ٿو. جوانن ۾ پوڙهن جي نسبت هي بخار وڌيڪ ٿئي ٿو. انهي کان سواءِ ناقص غذا، عام ڪمزوري، رنج ۽ غم به هن جا سبب آهن.

**علاج:-** بيماري جي شروع ٿيڻ سان ڪنهن ڊاڪٽر سان مشورو ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان پاران تجويز ڪيل دوائون باقاعدگيءَ سان کائڻ گهرجن ۽ ان سان گڏوگڏ آرام ۽ صفائي جو خاص خيال رکڻ گهرجي. مرچ مصالحن وارن ۽ سخت ڪاڌن کان پرهيز ڪجي ته بهتر ٿيندو.

هن مرض جو اصل سبب ته هڪ قسم جو جراثيم سالمو نيلا ٽائي فوسا (Salmonile Typhosa) ٿئي ٿو، جيڪو خوردبين ذريعي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هي جراثيم خون ۾ داخل ٿي پنهنجو زهريلو تاثير جسم ۾ پيدا ڪري ٿو. هن جو گهڻو اثر آنڊن تي ٿئي ٿو. پر جگر، تري، پتو به هن جي اثر کان آجا نٿا رهن ۽ اهي جراثيم جڏهن پيشاب ۽ ڪاڪوس ۾ خارج ٿين ٿا ته وڌيڪ ماڻهن ۾ پکڙجي وڃن ٿا.

# بي هوشي ANAESTHESIA

ڊاڪٽر مير نياز حسين ٽالپر
ميڊيڪل آفيسر اينسٿيزيالوجي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال نواب شاهه

هي هڪ اهڙو هنر آهي، جيڪو جيڪڏهن نه هجي ته جيڪر جراحي (SURGERY) ڪرڻ تمام مشڪل ٿي پوي ۽ مريض بيماري واري تڪليف جي بجاءِ آپريشن جي سور ۽ تڪليف ۾ ئي خدا کي پيارو ٿي وڃي.

اسان جي معاشري ۾ عام ماڻهن کي جيڪي گهٽ پڙهيل لکيل هوندا آهن، يا وري ڪن ڪن پڙهيل ماڻهن کي جن جو طب جي علم سان گهٽ واسطو هوندو آهي، طب جي هن نهايت اهم شعبي جي باري ۾ ڪا صحيح خبر نه هوندي آهي.

ان ڪري محسوس ٿيو ته Anaesthesia يا بي هوشيءَ جي باري ۾ ڪجهه لکجي. Anaesthesia هڪ تمام وڏو علم آهي جنهن تي جيڪڏهن ڪيترو به ويهي لکجي ته به گهٽ آهي. هن جا ڪيترائي طريقا (Techniques) آهن هتي اسان صرف انهن طريقن جي باري ۾ لکنداسين جيڪي اسان وٽ عام طور استعمال ٿين ٿا.

(1) Local Anaesthesia جسم جي ننڍي حصي کي سُن ڪرڻ.

(2) Regional Analgesia جسم جي وڏي حصي (Region) کي سُن ڪرڻ.

(3) Spinal Analgesia ڪرنگهي ۾ سُئي هڻي جسم جي هيٺين حصي کي سُن ڪرڻ.

(4) General Anaesthesia مريض کي مڪمل بي هوش ڪرڻ.

مٿين بي هوشي جي طريقن Tech-niques جي استعمال جو فيصلو هنن ٽن ڳالهين کي مدِنظر رکي ڪيو ويندو آهي.

(1) مريض جي حالت Condition of the Patient

(2) بيماريءَ جي نوعيت Type of disease

(3) آپريشن جي نوعيت Type of Operation

انهيءَ ڪري ئي بي هوشي واري ڊاڪٽر (Anaesthetist) کان اڳ ۾ مريض جي Fitness جو سرٽيفڪيٽ ورتو ويندو آهي ۽ پوءِ ئي مريض جو نالو آپريشن ٿيڻ وارن مريضن جي لسٽ ۾ رکيو ويندو آهي.

## Local anaesthesia (1)

### جسم جي ننڍي حصي کي سن ڪرڻ

هن طريقي ۾ جسم جي محدود حصي کي سُن ڪيو ويندو آهي. هي طريقو تڏهن لاڳو ٿيندو آهي جڏهن مريض ڪنهن ٻئي طريقي سان سُن ڪرڻ يا مڪمل بي هوشي ڪرڻ جي لائق نه هوندو آهي. يا وري تمام ننڍڙو آپريشن ڪرڻو هوندو آهي جيئن پونءِ وهائڻ آهي يا ڪل مان ڪا ڳوڙهي Swelling ڪڍڻ آهي، يا وري ڪو خراب ٿيل هٿ يا پير جو ننهن (Nail) ڪڍڻو هجي.

هن طريقي ۾ جنهن حصي (Area) تي Operate ڪرڻو هوندو آهي ان جي چوڌاري سُن ڪرڻ واري دوا عام سُئي (Syringe) جي ذريعي هڻي ويندي آهي، پوءِ ان دوا جي اثر جي نتيجي ۾ دماغ ڏانهن سور جو پيغام کڻي ويندڙ تنتون (Nerves) بلاڪ ٿي وينديون آهن. اهڙيءَ طرح مريض کي سور محسوس نه ٿيندو آهي. هن طريقي ۾ استعمال ٿيندڙ دوائن جا ڪجهه نالا هي آهن Prilocaine, Bupiv-acaine. cinchocaine Lignocaine وغيره عام طور اسان وٽ ان مقصد لاءِ Lignocaine جيڪا بازار ۾ Xylocaine جي نالي سان ملي ٿي استعمال هيٺ آهي.

## Regional Analgesia (2)

### جسم جي وڏي حصي کي سن ڪرڻ

هن طريقي ۾ جسم جي هڪ وڏي حصي (Region) کي سُن ڪيو ويندو آهي. يعني انهيءَ حصي کي Supply ڪرڻ واري وڏي تنت (NERVE) کي Block ڪيو ويندو آهي.

جيئن جيڪڏهن ٻانهن (Arm) جو آپريشن ڪرڻو هجي ته اسان ٻانهن کي Supply ڪرڻ واري تنتن جي ڇڳي يعني Brachial Plexis کي Block ڪنداسين. ان کي Block ڪرڻ لاءِ ساڳي ئي Local anaesthesia واري دوا استعمال ڪئي ويندي آهي.

يا اگر ٽنگ جو آپريشن ڪرڻو هجي ته (Femoral Nerve) يا ٽنگ جي وڏي تنت کي Block ڪيو ويندو آهي.

مٿين ٻنهي طريقن جو فائدو اهو آهي ته مريض جي جسم جا ٻيا سرشتا مثلاً

rane، ۽ Halothine وغيره شامل آهن. انهن مان Halothine نالي دوا گهٽ ڪري استعمال ٿئي ٿي. ۽ تقريباً هر مريض کي آڪسيجن سان گڏ ڏني ويندي آهي، جيڪا بي هوشيءَ واري حالت کي برقرار رکندي آهي.

مٿي بيان ڪيل طريقن جي دوران مريض جي ساهه کڻڻ جي صلاحيت برقرار رهندي آهي، ڪجهه آپريشن اهڙا هوندا آهن جن ۾ مريض جي سيني مُشڪن کي ستو Paralyse ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي. جيئين Surgeon کي آپريشن ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي. (گهڻو ڪري پيٽ جي آپريشن ۾)

ان مقصد لاءِ Tracrim يا Pavulon وغيره جون سيون ڏنيون وينديون آهن. انهيءَ انجڪشن لڳڻ کان پوءِ مريض جو پورو جسم نِستو Paralyse ٿي ويندو آهي ۽ سندس ساهه کڻڻ جي صلاحيت بہ ختم ٿي ويندي آهي. ان دوران مريض کي ساه کڻائڻ واري مشين Ventilator يا Respirator ذريعي ساه کڻايو ويندو آهي.

جڏهن آپريشن ختم ٿيندو آهي، تڏهن وري مريض کي Prostiguine نالي هڪ سئي رڳ ۾ هڻئي ويندي آهي. ان کان پوءِ مريض جون مشڪون Muscles وري Normal حالت ۾ اچي وينديون آهن ۽ سندس ساه کڻڻ جي صلاحيت بہ واپس اچي ويندي آهي.

ان کان پوءِ مريض جي ڳلي کي Suction Tube ذريعي بلڪل صاف ڪري، ساهه جي نلڪيءَ ۾ وڌل ٽيوب (Endo trcheal Tube) ڪڍيو ويندو آهي. پوءِ ڪيس خالص آڪسيجن جي ذريعي پندرهن ويهن منٽن تائين ساه کڻايو ويندو آهي. انهيءَ کي Recovery Period چئبو آهي.

جڏهن مريض هوش ۾ اچي ويندو آهي، يعني نالي وٺڻ سان جواب ڏيندو آهي يا اکيون کوليندو آهي ۽ ٽنگون، ٻاهون هلائي سگهندو آهي تہ پوءِ ڪيس وارڊ ۾ موڪليو ويندو آهي.

آپريشن جي دوران سمورو ٽائم Anaesthetist يعني بي هوشيءَ وارو ڊاڪٽر مريض جي نبض بلڊ پريشر، دل جي حالت ۽ آڪسيجن ليول Level وغيره کي Maintain ڪندو رهندو آهي. يعني سمورو جسم جو ڪنٽرول سندس هٿ هيٺ هوندو آهي.

### پڙهندڙن لاءِ ڪجهه مفيد مشورا

1- جيڪڏهن مريض ڪنهن مسئلي جي ڪري Anaesthesia لاءِ Unfit هجي تہ، جلد بازيءَ کان ڪم نہ وٺڻ کپي ۽ انهيءَ
جلد بازيءَ کان ڪم نہ وٺڻ کپي ۽ انهيءَ
مسئلي جو علاج ڪرڻ کپي جيئن مريض Fit ٿي وڃي.

2- جيڪڏهن آپريشن لاءِ رت Blood جي ضرورت پوي تہ هميشہ پنهنجي ماڻهو (Donar) کان رت حاصل ڪرڻ کپي ۽ ڪاروباري ماڻهن کان رت نہ وٺڻ کپي.

3- اگر ڪڏهن ڪنهن دوا کان ڪو Reaction وغيره ٿيو هجي تہ اهو ڊاڪٽر کي ٻڌائڻ کپي.

4- عام حالت ۾ اگر ڪا تڪليف يا بيماري وغيره ٿئي تہ ان جو مڪمل علاج ڪرائڻ کپي جيئن تڪليف وڌي نہ وڃي. ۽ ڪا Disability نہ ٿئي. جو ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ خدانخواستہ آپريشن ڪرائڻو پوي تہ ڪو مسئلو نہ ٿئي.

5- سگريٽ، بيڙي، پان وغيره نہ واپرائڻ گهرجي جيئن جسم انهن جي خراب اثرن کان محفوظ رهي ۽ ماڻهو هميشہ Fit رهي.

6- لباس ۽ غذا جو وڌ ۾ وڌ خيال رکڻ گهرجي.

7- روزانو ورزش ڪرڻ بہ صحت لاءِ تمام ضروري آهي.

❒ ❒ ❒



# بي نلي غدودن جو شخصيت تي اثر

خير النساء جعفري

"اسين پوري شدت سان پنهنجي بي نلي غدودن جي رحم وڪرم تي آهيون."

ڪتاب نفسيات جي مصنف "من" جي مٿين لفظن جي اهميت جو اندازو سڀ ڪان پهرين "برمن لوئس" لڳايو، جنهن THE GLANDS REGULATING PERSONALITY (شخصيت ڪي منظم ڪندڙ غدود) جي نالي سان پنهنجي تصنيف ۾ ڪن غدودن جي آفاديت کي واضح ڪندي ڄاڻايو آهي ته : "چريائپ هجي يا اعصاب جو انتشار، جرم وبغاوت هجي يا ذکن جا ڏيل، اهڙيون سيئي شڪايتون هنن ننڍڙن غدودن جي ٺي ڪارستانيءَ جو نتيجو آهن."

برمن لوئس جي خيال پٽاندڙ شخصيت جي منظم يا منتشر هجڻ ۾ "ري نالي" يا "بي نلي غدودن" کي وڏي اهميت آهي. هنن ننڍڙن غدودن کي ري نالي يا بي نلي (DUCTLESS) ان ڪري ڪوٺيو ويندو آهي جو هنن غدودن جون رسون يعني هارمون (HARMONES) سڌي طرح رت سان گڏجي جسم ۾ ڦرنديون، ڇاڻٽ ڇوڻٽ جو ڪم ڪنديون ٿيون رهن. انجي برعڪس نلي دار غدود متحرڪ ٿيڻ واري حالت ۾ پنهنجي رطوبت ٻاهر خارج ڪن ٿا. مثال طور ڳوڙهن وارا غدود "ٽيئر ڳلانڊس" (TEAR GLANDS) يا پڪ وارا غدود "سيليوري گلئينڊس" (SALIVERY GLANDS) ۽ بي نلي غدود "اينڊوڪرائين گلئينڊس" (ENDOCRINE GLANDS) جون رطوبتون فرد جي سڄي شخصيت، ان جي هائي، قدبت، ذهانت، مزاج ۽ جنسي زندگي کي متاثر ڪن ٿيون.

> "چريائپ مجي يا اعصاب جو انتشار، جرم وبغاوت مجي يا ذڪن جا ڏيل، امڙيون سيئي شڪايتون منن ننڍڙن غدودن جي ٺي ڪارستانيءَ جو نتيجو آمن."

گهڻو ڪري سيني ري نلي غدردن جون رطوبتون هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿي شخصيت جي توازن کي برقرار رکن ٿيون ۽ جيڪڏهن اهي رطوبتون مقرره مقدار کان گهٽ يا وڌ انداز ۾ خارج ٿين ته شخصيت ۾ سخت ناخوشگوار تبديلين جو امڪان رهي ٿو، جنهن ڪري فرد جي سڄي زندگي، ان جي ذهانت ۽ جسامت، معاشرتي ۽ جنسي زندگي ان لاءِ هڪ وبال ٿيو پوي ۽ ان جو وجود معاشري لاءِ هڪ قسم جو بار بڻجو وڃي. مٿي ذڪر ڪيل غدودن جي جدا جدا اهميت جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

## ا- ٿائرائڊ (THYROID)

هي غدود ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي ان جو هر هڪ ڀاڱو نڙگهٽ جي ٻنهين پاسن ۾ هوندو آهي. هن غدود جو سادو پر اهم ڪم بدن جي اندروني ڪارخاني ۾ زندگيءَ جي حرڪت کي يعني جسم جي اندروني ڪيماوي تبديلين (METABOLISM) کي منظم ڪرڻ آهي. هر جاندار کي پنهنجي اندروني مشينريءَ کي سلامتي سان هلائڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ "ڪاڌ" يا "ٻاڻ" جي ضروورت پوي ٿي. انساني جسم جي ڪاڌ جي خبر گيري ڪرڻ هن ننڍڙي غدود (جنهن جو وزن هڪ آئونس کان به گهٽ ٿيندو) جو ڪم آهي. ان جي رطوبت "ٿائراڪسن" (THYROXIN) هائيڊوررجن، نائيٽروجن، ڪاربان ۽ آڪسيجن جو مرڪب آهي ۽ ان جو اهم ڪم ساهه کڻڻ واري نظام سان

# احساسِ ڪمتري

## (نفسيات)

سهيل جمال ملاڻو ـــــ شڪارپور

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ دنيا جا سيئي انسان ساڳيا حواس (SENSES) رکن ٿا. جنهن ڪي نڪ، زبان، ڪن، چمڙي، هٿ پير سڏجي ٿو. انهن سيني عضون جو سيني انسانن ۾ بنيادي طور ڪم بہ ساڳيو آهي، مگر دنيا جا الڳ الڳ ماڻهو انهن حواسن (SENSES) مان جدا جدا قسم جو ڪم وٺڻ جي صلاحيت رکن ٿا. جيڪڏهن آفريڪا جو جهنگلي سنگهڻ جي شڪتي رکي ٿو تہ هو انهيءَ شڪتيءَ کي شڪار ڳولهڻ ۾ صرف ڪري ٿو. مگر هڪ يورپ جو سائنسدان انهيءَ شڪتي (ABILITY) کي گئسن جي سنگهڻ ۽ انهيءَ مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙي ئي نموني سان جنهن چيز کي ٻين ملڪن ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو، سا اسان جي معاشري ۾ برائي ٿي سگهي ٿي. جيڪا ڳالهہ اسان سوچڻ بہ گناهہ سمجهون، اها ساڳي اتي ثواب ۾ شامل آهي. اهڙي نموني انهن جي عام استعمال ٿيندڙ شين جو اثر جنهن نموني اسان جي عام زندگيءَ تي پوي ٿو، سو بہ انهن تي پوندڙ اثر کان بلڪل نرالو آهي.

اسان جا ڪي دوست ڪي اصول اپنائڻ ۾ يڪدم پرڏيهي مفڪر يا مصنف جو حوالو ڏئي پاڻ ۽ پنهنجي ماحول ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ سرگردان هوندا آهن، انهن لاءِ عرض آهي تہ اسان جي ماحول ۽ "انهن جي ماحول ۾ رات ۽ ڏينهن جو فرق آهي.

منهنجي هن چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ هڪ چيز انهن وٽ احساس برتري پيدا ڪري ٿي، مگر اهائي چيز اسان ۾ احساسِ ڪمتري جو سبب بڻجي ٿي.

مثال اسان جي سامهون آهي. جيڪڏهن يورپ ۾ پيءُ پنهنجي ڌيءُ يا ننهہ کي ٻين سان نچندي خوشي محسوس ڪندو آهي تہ هوءَ محفل جي جان آهي ۽ اها جان هن جي سماجي عزت کي وڌائي هن ۾ احساس برتري جو سبب بڻجي ٿي. مگر اها ساڳي ڳالهہ اسان ۾ ابتي آهي ڪٿي تہ پنهنجي حقيقي زال کي بہ سرِ بازار وٺي وڃڻ پنهنجي منهن تي شرم جي "لالائي" آڻڻ جو سبب بڻجي ٿو ۽ اها "لالائي" ڪنهن حد تائين احساسِ ڪمتري ۾ وجهي ڇڏيندي آهي.

منهنجي هن لکڻ جو مقصد اهو آهي تہ اسان جي ماحول ۾ جيڪي احساسِ ڪمتري پيدا ٿيڻ جا سبب آهن. اهي انهن کان بلڪل الڳ آهن جيڪي يورپ ۽ ٻين ملڪن جي ماهرِ نفسيات پنهنجي ڪتابن ۾ ڏيندا آهن.

### سبب

احساس ڪمتري پيدا ٿيڻ جو پهريون سبب آهي. "ٻار جي تربيت ۽ سندس ماحول"، اسان کي خبر آهي تہ جڏهن ٻار پيدا ٿئي ٿو تہ هو پاڻ کي دنيا جي ڪمزور ترين مخلوق محسوس ڪري ٿو ۽ جيئن سندس تجربو ۽ مشاهدو وڌيڪ ٿيندو وڃي ٿو تيئن منجهس پاڻ کي گهٽ ۽ ٻين کي وڏيڪ سمجهڻ جو مادو وڃي ٿو وڌندو. ڪٿي اهو مڃجي ٿو تہ ٻار کي جيڪي ڪجهہ اسين ٻڌايون يا سمجهايون ٿا اهو سمجهي وڃي ٿو. مگر هو پاڻ ڪرڻ کان معذور آهي. هن کي جنهن چيز جي ضرورت هوندي انهيءَ تائين پهچي نٿو سگهي. انهيءَ سبب ڪري ٻار ۾ جيڪو احساس ٿئي ٿو سو آهي، ڪمتريءَ ۽ ڪمزوريءَ جو. انهيءَ ڪمتريءَ کي گهٽائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هميشہ ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڪاپي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

اتي جيڪڏهن انهيءَ ٻار جي سٺي تربيت ڪانہ ٿي ٿئي تہ اهو ٻار احساسِ ڪمتري جو شڪار ٿيو وڃي. انهيءَ تربيت کان سواءِ اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ جيڪڏهن گهر ۾ سڀ کان ننڍو ٻار وڏو بہ آهي تہ اهو احساس ڪمتري جو شڪار ٿيو وڃي. اهو ان ڪري جو ننڍي ٻار جي هئڻ جي ناتي هن کي سڄي گهر ۾ سڀ کان وڌيڪ محبت ڪئي وڃي ٿي. مگر ٿوري وڏي عمر ٿيڻ تي ڪيس اها ساڳي محبت ملي ڪونہ ٿي سگهي. مگر هو اها حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڪري ٿو پوءِ جيڪڏهن اهو ساڳيو محبت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو تہ گهٽو ڪري اهو بلڪل بيڪار، ڪمزور پست همت ثابت ٿئي ٿو. اهڙي قسم جو ٻار وڏي هوندي تائين ساڳي عادت ڪئيو اچي.

احساس ڪمتري پيدا ٿيڻ جو ٻيو سبب آهي:

اهي ٻار جيڪي پاڻ کي ناجائز سمجهن ٿا يا بلڪل ڪمزور آهن، سي هميشہ پاڻ کي بي سهارو ۽ نفرت ڪيل سمجهي احساس ڪمتري ۾ مبتلا ٿيو وڃن.

اسان انهن ٻارن ۾ حد کان وڌيڪ احساس ڪمتري ڏسون ٿا جيڪي طلاق شده والدين جا ٻار آهن. جن کي پنهنجي ناقدري جو احساس هميشہ مجروح ڪندو رهي ٿو.

احساس ڪمتري جو چوٿون وڏو سبب آهي:

ڏسو صفحو 44

# اوهان پاڻ ڏسو

مرتب - - - - - - -
ڊاڪٽر شمس سمرو

## ۱۲ سوال پنهنجي ڊاڪٽر کان ضرور پڇو

دوائون بيمارين کان ڇوٽڪارو ڏين ٿيون يا تڪليف ڏيندڙ علامتن (Symptoms) ۾ آساني پيدا ڪن ٿيون. تنهن هوندي بہ هر وقت ۽ هر ڪنهن تڪليف لاءِ دوا ضروري ڪونهي. نہ ڪو تندرستي ماڻ لاءِ دوا جو کائڻ هرويرو ضروري امر آهي. دوائون توهان کي نقصان بہ پهچائي سگهن ٿيون، خاص ڪري تڏهن، جڏهن توهان ڪا غلط دوا يا گهڻين دوائن جي لپ کائي بي فڪرا ٿي سمهي پئو.

**ڊاڪٽر رڳو دوائون لکڻ جي مشين نہ پر توهان جو دوست بہ آهي. تنهنڪري دوا لکرائڻ يا وٺڻ کان اڳ ڪانئس ضرور پڇو.**

(؟) ● دوا جو نالو ڇا آهي ۽ انجا اثرائتا جزا ڪهڙا آهن؟

(؟) ● آئون پيٽ سان آهيان يا ٻار کي ٿڃ پياريندڙ ماءُ آهيان- اهڙي حالت ۾ ڇا مون کي دوا واپرائڻ گهرجي.؟

(؟) ● هيءَ دوا ڪهڙو عمل / اثر ڪندي- ڇا انهيءَ جي واپرائڻ سان مونکي پنهنجي تڪليف مان ڇوٽڪارو ۽ شفا ملندي؟

؟) ● مون کي هيءَ دوا ڪهڙي وقت ۽ ڪيئن واپرائڻ گهرجي؟

(؟) ● مون کي اها ڄاڻ ڪيئن ٿئي تہ دوا مان فائدو آهي؟ مون کي تڏهن ڇا ڪرڻ گهرجي جڏهن دوا ڪو اثر نہ ڪري.

(؟) ● مون کي ڪيتري وقت تائين هن دوا کي استعمال ۾ رکڻ گهرجي؟ ڇا مون کي پنهنجي دوا ترت بند ڪري ڇڏڻ گهرجي جڏهن مان سمجهان مون کي شفا ملي آهي؟

(؟) ● عام طرح هن دوا جا هاجيڪار اثر (Side effects) ڪهڙا آهن. ڇا هن دوا جا ڪي اهڙا بہ گنڀير هاجيڪار اثر آهن؟ مون کي اهڙين حالتن ۾ ڇا ڪرڻ کپي جڏهن مون تي اهڙا هاجيڪار اثر پوڻ لڳن؟

(؟) ● جيڪڏهن آءُ دوا هڪڙو وقت يا گهڻي وقت تائين کائڻ وساري ڇڏيان تڏهن مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(؟) ● هن دوا سان گڏ مان ٻيون دوائون بہ واپرايان؟ ڇا هيءَ دوا کائي مون کي سائيڪل، موٽر يا ڪابہ مشينري هلائڻ کپي؟

(؟) ● ڇا هيءَ دوا واپرائڻ سان مون کي هن دوا جي عادت ٿي پوندي؟

(؟) ● جيڪڏهن مان هيءَ دوا کائڻ ڇڏي ڏيان تہ ان جا مون تي ڪهڙا ڪهڙا اثر ٿيندا؟

(؟) ● دوا جي استعمال ڪانسواءِ (منهنجي تڪليف جا) ٻيا ڪهڙا ڪهڙا طريقا ۽ اپاءَ ٿي سگهن ٿا؟

# صحت سڌ سماءَ

## ڪاليج آف فزيشنس ۽ سرجنس پاڪستان ۾ منعقد ٿيندڙ ٻارڙن جي علاج ۾ دوائن جي منطقي ڪارج ۽ ماس- ميڊيا جي ڪردار بابت قومي ورڪشاپ

**ڪراچي ٦-٧ فيبروري ١٩٩٣ع**

**پاڪستان پيڊياٽرڪس ايسوسيئيشن، هيلٿ ايڪشن انٽرنيشنل ۽ پاڪستان دي نيٽ ورڪ ايسوسيئيشن فار رئشنل يوز آف ميڊيڪيشن اِن پاڪستان جي گڏيل سهڪار ۽ رٿابنديءَ هيٺ**

## موضوع جي سڃاڻپ (Introduction)

پاڪستان ۾ دوائن جي غيرمنطقي ۽ هاڃيڪار استعمال، خاص ڪري ٻارڙن ۾ ان جو واهپو خطري جي نشان تائين پهچي ويو آهي. اهڙيون دوائون جن جو استعمال خاص مهارت سان واسطو رکي ٿو يا اهي نهايت طاقتور هاڃيڪار اثر رکن ٿيون، ڏاڍي آسانيءَ سان هرڪائونٽر تان ملي رهيون آهن. اها هڪ نهايت ڪئوڙي ۽ تلخ حقيقت آهي تہ چوٿيءَ جون اسان جي ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ ١٢ گهڻ قومي (ملٽي نيشنل) ڪمپنيون لڳ ڀڳ هڪ سال ۾ ١۴ ڪروڙ روپين کان بہ مٿي پئسو صرف دوائن جي کپت کي هٿي ڏيڻ تي خرچ ڪري رهيون آهن. جيڪو دواساز ادارن جي طئي ڪيل اخلاقي اصولن جي برخلاف ۽ ابتڙ آهي. ائين لڳي ٿو تہ هو پاڪستان کي ٻارڙن جي جيئري پورڻ جو سٿو هنڌ ڀائين ٿا ۽ پاڪستاني ٻارڙا هنن آڏو ڄڻڪ تجرباتي جانور آهن. سچائي اها آهي تہ 1992ع تائين پاڪستان ۾ اٽڪل 14000 مختلف قسمن جون دوائون رجسٽر ڪرايون ويون آهن، ان جي باوجود تہ ڊبليو ايچ او 250 ضروري دوائن جي سفارش ڪئي آهي ۽ نيشنل فارمولري پاران 350 دوائن جي اجازت آهي.

هڪ نهايت گنڀير ڳالهہ اها بہ آهي تہ ماءُ پيءُ دوائن جي حقيقي استعمال کان اڻواقف آهن ۽ ۽ ڊاڪٽرن وٽ ايترو وقت ڪونهي جو انهن کي صحيح ڄاڻ ڏئي سگهن. جڏهن ماس ميڊيا (ريڊيو-ٽي وي، اخبارون ۽ رسالا) برقي ڄاڻ ۾ ايترا محو آهن جو ڪانئن انهن چپ چپات ۾ واقع ٿيندڙ موتن کي وائکو ڪرڻ پڄي ئي نٿو. جيتوڻيڪ ٻارڙن جي تندرستي ۽ چڱيلائي ڊرامائي نموني بهتر ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن سمورن ڪٽنبن کي وقتائتي ڄاڻ ۽ ٻارڙن جي صحت کي هٿي ڏيارڻ جو سهڪار ملي وڃي.

ڪيترين تحقيقاتي رپورٽن ۽ سرويز ۾ جيڪي ڊبليو-ايچ-او ذريعي ڪرايون ويون آهن، اهو ڏٺو ويو آهي تہ گهٽي ۾ پاڳي سٽر سيڪڙو ٻارڙن لاءِ تجويز ڪيل دوائن جا نسخا ڪنهن بہ طبي ڪارج کي ادا نٿا ڪن.

**اسين پوري ويساهہ سان چئون ٿا تہ دوائون هر حالت ۾**

- پنهنجي حقيقي طبي ضرورت کي پورو ڪن، جيڪو سندن ضروري ڪارج هجي، جنهن سان اهي ڪنهن خاص صحت جي اهنج يا مرض کي ڇٽائي ۽ سڌاري سگهن.
- اهي طبي اصولن مطابق اثرائتيون هجن. ۽ اهي اهڙو ئي اثر ڏيکارين جنهن جي دعوىٰ ڪئي وڃي ٿي.
- اهي سٿو اگهہ رکن. اهو ائين جو، اهي دوائون گهٽ قيمت واريون هجن (جئين هرشخص وٺي سگهي) ۽ ساڳئي وقت ايترو ئي بهتر طبي فائدو ڏيندڙ هجن جو انهن کي ٻين قيمتي دوائن تي ترجيح ڏئي سگهجي.
- اهي پوري پني انداز ۾ مهيا ڪيون وڃن، جيئن ڪنهن بہ وقت انهن جي کوٽ نہ پوي ۽ انهن تي چٽي نموني سندن بهتر ۽ وڌ ۾ وڌ استعمال بابت سموري ڄاڻ ڏنل هجي.
- اهي هر وقت وڪري لاءِ موجود هجن ۽ وٺي سگهڻ جهڙيون هجن.

**اسين اهو ويساهہ رکون ٿا تہ هر ٻارڙن جي بيمارين جو ماهر توڙي ڊاڪٽر هر حالت ۾**

- بين الاقوامي صحت جي اداري (WHO) جي دستن، ڇاتيءَ جي شديد اهنجن ۽ کاڌ-خوراڪ جي اڻپورائي کي

# سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن
## ٣١٠- اي. ايم. پريڊي اسٽريٽ، صدر ڪراچي
# ٽينڊر گهرائڻ جو اطلاع

هيٺيان ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ ڪارپوريشن جي انلسٽ ٿيل ٺيڪيدارن کان مهربند بي-١ ٽينڊر گهرائجن ٿا.

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٽيل لاڳت | سوڙي رقم | مدو تڪميل | ٽينڊر في (ناقابل واپسي) |
|---|---|---|---|---|---|
| ١- | سومرن - جو - پار ۾ ڪارپيٽ ٽريننگ سينٽر جي چوڌاري ڪمپائونڊ وال جي تعمير. | ٦٥٠٠٠ رپيا | ١٣٠٠رپيا | ٢ مهينا | ١٥٠ رپيا |
| ٢- | ڪارپيٽ ٽريننگ سينٽر، ننگرپارڪر جي چوڌاري ڪمپائونڊ وال جي تعمير ۽ بيروني ترقي. | ٦٠٠٠٠ | ١٢٠٠ | ٣ مهينا | ١٥٠ |
| ٣- | لائيٽ انجنيئرنگ سروس سينٽر، ڪراچي ۾ آٽو ڊيزل ورڪشاپ لاءِ آر. سي.سي ڪلورٽ جي تعمير. | ٥٠٠٠٠ | ١٠٠٠ | ٢ مهينا | ١٠٠ |
| ٤- | ڪارپيٽ ٽريننگ سينٽر، ننگر پارڪر ۾ اندروني اليڪٽريفڪيشن. | ٤٥٠٠٠ | ٩٠٠ | ٢ مهينا | ١٠٠ |
| ٥- | ٽيڪنيڪل ٽريننگ سينٽر، بلڙي شاهه ڪريم لاءِ آر سي سي سليب ڪلورٽ جي تعمير. | ١٢٠٠٠ | ٢٤٠ | ١ مهينو | ١٠٠ |

الف) ٽينڊر دستاويز هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان ٢١-٢-١٩٩٣ع تائين ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا.

ب) سوڙيءَ جي رقم ”انجنيئرنگ سيل ايس ايس آءِ سي هيڊ آفيس“ جي حق ۾ ڪيڊايل پي آرڊر جي شڪل ۾، ٽينڊر جاري ٿيڻ کان اڳ ڪارپوريشن وٽ جمع ڪرائي ويندي. سوڙيءَ جي رقم ڪانسواءِ ٽينڊر جاري نه ڪيو ويندو.

ج) ٽينڊر ٢٢-٢-١٩٩٣ع تي منجهند ٠٠-١ وڳي تائين واپس ورتا ويندا ۽ ساڳي ڏينهن تي هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ اهڙن ٺيڪيدارن جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا، جيڪي اتي حاضر رهڻ جا خواهشمند هوندا.

د) ڪوبه رعايتي مدو نه ڏنو ويندو ۽ منجهند ٠٠-١ وڳي ڪانپوءِ ڪوبه ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو. ٺيڪيدارن کي درخواست ٿي ڪجي ته وقت جو خيال رکن.

ه) ڪارپوريشن ڪوبه سبب ٻڌائڻ کانسواءِ ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرن کي منظور يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

صحيح
**ڊائريڪٽر (ٽيڪنيڪل)**

نمبر: ايس ايس آءِ سي/ پي آر - 93/01/7
انفرميشن / ڪراچي - 353

# ايڊز

## Acquired Immunodeficiency Syndrome

سڪندر اعظم سومرو - خيرپور ميرس

**دريافت:-** ڊسمبر 1981ع ۾ انگلينڊ ۾ اهڙن مريضن جي شناخت ڪئي وئي جن جي جسم ۾ Infections جا گهرا اثر موجود هيا ۽ انهن جي جسم جو مدافعتي نظام (Immune System) ختم ٿي چڪو هيو. ان بعد گهڻي ئي تجربن بعد اِها ڳالهه ظاهر ٿي ته هي حالت خود هڪ الڳ مرض آهي جنهن ۾ جسم جو مدافعتي نظام بيڪار ٿي وڃي ٿو ان لاءِ هن جو نالو ئي Aids يعني Acquired inm-muno-deficiency Syndrome رکيو ويو.

**ايڊز جي ڪيفيت:-** ايڊز جيئن ته وائرس جي ڪري ٿيندو آهي هن وائرس جو نالو (Hiv) يعني (Human Immuno deficiency Virus) آهي، جيڪو انسان جي خون جي سفيد گهرڙي (W.B.C) ۾ رهندو آهي هن ۾ (RNA) يعني (Ribo nucleic Acid) موجود هوندو آهي جيڪو گهرڙن ۾ داخل ٿيڻ بعد لحميات پيدا ڪرڻ لڳندو آهي هي اتي وڌندو رهندو آهي ۽ ان مان ايترا وائرس ٿي ويندا آهن جو هو هڪ سيل کي ٽوڙي ٻئي ۾ داخل ٿي ويندا آهن. جيئن ته W.B.C يا سفيد گهرڙا انساني جسم جي مدافعتي نظام کي برقرار رکندا آهن ان ڪري (Hiv) وائرس جي داخل ٿيڻ سان ئي مدافعتي نظام ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ ان جي وڌڻ سان ئي مدافعتي نظام ختم ٿي ويندو آهي. شروع شروع ۾ ايچ آئي وي (HIV) وائرس جي خبر ئي نه پوندي آهي ان جون نشانيون سواءِ معمولي بخار جي ظاهر نه ٿينديون آهن جيئن ته هن جون پيچيدگيون وڌنديون وينديون آهن ته معالجين کي يقين ٿي ويندو آهي ته مريض ايڊز جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويو آهي.

ايڊز جي مرض متعلق هي خيال ڪيو ويندو آهي ته هي آفريقه جي جهنگلي باندرن جي جسم سان حادثاتي طور انسانن ۾ منتقل ٿي ويو بعد ۾ افريقه کان آمريڪا ۽ پوءِ پوري دنيا ۾ ڦهلجي ويو. ايچ آئي وي وائرس جي زندگي سڀ کان وڌيڪ انساني خون ۽ انساني مني ۾ محفوظ رهندي آهي مگر هي پنهنجو وجود انساني اک جي رطوبت، پيشاب ۽ ٿڪ ۾ برقرار رکي ٿو. مطلب ته ايڊز جو مرض جنسي عمل سان وڌيڪ ڦهلجي ٿو ايتري تائين جو مريض جي پگهر سان به ايڊز جو مرض پکڙجي ٿو.

ايڊز جو مرض جلد ئي ايترو ڦهلجي ويو جو پوري دنيا ۾ هن مرض ۾ لکين انسان مبتلا ٿي ويا رڳو 1987ع تائين ئي آمريڪه ۾ پنجاهه هزار انسان هن مرض جو شڪار ٿيا جڏهن ته 129 ملڪن ۾ 1989ع تائين ڪُل ستر هزار مريض معلوم ٿي سگهيا.

نيويارڪ ۾ منشيات جي عادي مريضن مان اسي سيڪڙي ۾ هي وائرس موجود معلوم ٿيا.

مريضن جي علاج ۽ خدمت ڪرڻ واري 2400 عملي مان صرف هڪ ڄڻو هن مرض جو شڪار ٿيو.

CDC امراض تي ڪنٽرول ڪڻ واري مرڪز جي اندازي مطابق هن وقت آمريڪا پندرهن لک کان ويهه لک ماڻهو هن مرض ۾ مبتلا ٿي ويا آهن.

**علاج:** هن وقت تائين هن موذي مرض جي صرف هڪ دوا (AZT) (Azidothymidine) ئي تيار ڪئي وئي آهي. جيڪا ايچ آئي وي وائرس کي رت ۾ ڦهلجڻ جي رفتار کي روڪي ٿي. جڏهن ته ڪنهن ٻئي مناسب دوا جي تياري لاءِ تحقيق شروع آهي.

**بچاءُ:-** هن مرض کي وڌيڪ ڦهلجڻ کان روڪڻ لاءِ اپاءُ وٺڻ ضروري آهي ته جيئن هن بيماري جا وائرس انساني خون ۾ منتقل نه ٿين.

1- ايڊز جي مريض جي پگهر، ٿڪ، پيشاب وغيره کان پاڻ کي بچائجي.

2- ڪاڌو گڏ ڪائڻ کان پرهيز ڪجي.

3- هم بستري کان پرهيز ڪجي.

4- سوئمنگ پول ۾ گڏ وهنجڻ کان پرهيز ڪجي.

5- هڪ ٻئي جي ڪپڙي استعمال کان پرهيز ڪجي خاص ڪري جوراب، رومال، ٽوپي وغيره)

اهڙي طرح سان احتياط ڪري اسان هن موذي مرض کان بچي سگهون ٿا.

■ ■ ■

# هيپيٽائيٽس بي (B)
# بابت چند حقيقتون

- هيپٽائيٽس بي (B) هڪ موتمار بيماري آهي، جيڪا هيپٽائيٽس بي وائرس (HBV) سبب ڦهلجي ٿي.
- سڄي دنيا ۾ اندازاً 2000 ملين انسان هن مرض ۾ وچڙيل آهن.
- هيپٽائيٽس بي (B) ائڊز جهڙي موذي مرض کان به هڪ سئو دفعا وڌيڪ روڳ واري آهي.
- هيپٽائيٽس بي (B) سڄي دنيا ۾ هر سال هڪ کان به ملين انسانن جي موت جي ذميوار آهي.

هي بيماري رت (Blood) مرداڻي نطفي (Semen)، ڳوڙهن (Tears) ۽ ٻين جسماني پاڻيٺن وسيلي هڪ انسان مان ٻئي انسان ۾ منتقل ٿئي ٿي.

پاڪستان ۾ ڏهن ماڻهن مان هڪ ڄڻو هيپٽائيٽس بي (B) جو ڪيريئر آهي (ڪيريئر جو مطلب اهو انسان جيڪو ٻئي انسان کي بيماري منتقل ڪري)

- پاڪستان ۾ جگر جي ڪينسر وارن مريضن مان 62 سيڪڙو مريض، هيپٽائيٽس بي (B) ۾ مبتلاً هجڻ سبب پيڙجن ٿا.

هيپٽائيٽس بي (B) ۾ مبتلا ٿيڻ کانپوءِ ان جو ڪوبه علاج نه آهي.

- هيپٽائيٽس بي (B) جي مرض کي صرف ۽ صرف ان جي روڪٿام وارين سين (Vaccination) سان ئي روڪي سگهجي ٿو.

**پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي ٻارن کي هيپٽائيٽس بي (B) جي هاڃن کان بچايو، اڄ ئي ان جي روڪٿام واريون سُيون (Vaccination) لڳرايو.**

## پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن پاران
## ماڻهن ۾ صحت جي سجاڳي آڻڻ جو پيغام

# ماهوار ويچ جو چانڊڪا نمبر

ماهوار ويچ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي جي خوشي ڏياريندڙ ويهين سالگره تي هڪ يادگار ۽ خصوصي سوڪڙي شايع ڪرڻ جا انتظام ڪيا آهن تنهنڪري

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جا گريجوئيٽ ڊاڪٽر پنهنجا پاسپورٽ سائيز فوٽو، داخلا ۽ ڪاليج ڇڏڻ جون تاريخون ۽ مختصر تعارف اسان کي 15 مارچ کان اڳ ۾ ڏياري موڪلين

جيڪي پڙهندڙ پنهنجي سوڪڙي سانڍڻ چاهين- انهن کي گذارش آهي ته پنهنجي ڪاپي محفوظ ڪرائڻ لاءِ 15 مارچ کان اڳ ۾ "ماهوار ويچ" جي نالي =/15 روپين جو پوسٽل آرڊر هيٺين ائڊريس تي ڏياري موڪلين.

گڏوگڏ چانڊڪا مان ٿيل گريجوئيٽس مبارڪن يا Complimentary پيغام ڇپرائڻ چاهين ته ڪواٽر پيج جيترو پيغام "ماهوار ويچ" جي نالي =/300 روپين جو بينڪ يا پوسٽل ڊرافٽ هيٺين ايڊريس تي ١٥ مارچ کان اڳ ۾ ڏياري موڪلين.

**ماهوار ويچ**
**٥٣اي/١ معين اسٽيل مارڪيٽ**
**جي پي او باڪس نمبر 568 ڪراچي**

سنڌي زبان ۾ بهترين ميڊيڪل ڊڪشنري ترتيب ڏيڻ لاءِ ميڊيڪل ڊڪشنري ڪميٽي،سنڌ جي سيني سڃاڻ عالمن، سنڌي ٻوليءَ جي ڳهڻ ڳهرن، ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل جي ڪنهن به اسپيشلٽيءَ سان لاڳاپيل ماهر/ توڙي ميڊيڪل جي تعليم ڏيندڙ استادن/ پروفيسرن کي گذارش ٿي ڪجي ته هو مهرباني ڪري هن قومي ۽ سائنسي ڪم ۾ اسانجي رهنمائي ڪندي ميڊيڪل جي مختلف اصطلاحن جا سنڌي متبادل اصطلاح يا ترجما هيٺين ائڊريسن تي موڪلي ڏين

**ڊاڪٽر شرف علي شاهه ڪنوينر**
**سنڌي ميڊيڪل ڊڪشنري ڪميٽي**
رمپا پلازا-6 ماڙ ڪمرو نمبر 11
ايم اي جناح روڊ ڪراچي- سنڌ

